
شاعري
نظمن سان پريل ٽرين
SINDH
ITALY
FRANCE
شڪيل احمد

# نظمن سان پريل ٽرين

(شاعري)

شڪيل احمد

ڪنول پبليڪيشن 2021ع

www.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: نظمن سان پريل ٽرين
موضوع: شاعري
ليکڪ: شڪيل احمد
پهريون ڇاپو: سيپٽمبر 2021ع
ٽائيٽل: بن صالح
ڪمپوزنگ: ڪارونجهر ڪمپوزرس. ڪارونجهر اڪيڊمي محراب پور
اِي ڪمپوزنگ: الشيخ ڪمپوزرس سانگي 03363412071
ڇپيندڙ: ڪنول پبليڪيشن قنبر
ڪنول پبليڪيشن پرنٽر بڪ شاپ سيد آرڪيڊ گاڏي ڪاتو حيدرآباد
03337523132
ملهه: 300 روپيه

# ارپنا

هي ڪتاب ارپيان ٿو،

آءٌ پنهنجي عظيم محسن ۽ تا عمر اتساهه جو سبب بڻجندڙ پنهنجي ڏاڏا سائين فقير استاد رسول بخش ”راز“ شيخ کي

جيڪو عظيم استاد طبيب،موسيقيءَ جو ڄاڻون، بينجي وڄائڻ جو ماهر، ڪمپيئر،شاعر، ڪهاڻيڪار ، لطيفيات جو ماهر،ريسرچ اسڪالر، مترجم ۽ ٻين به ڪيترين ئي اعليٰ صفتن جو مالڪ ۽ وڏي راڄ ڀاڳ وارو ماڻهو هئو. سنڌي انگريزي فارسي، هندي، اردو ۽ پنجابي ٻولين تي ڪمال جي دسترس هيس محراپور ۾ علمي ۽ ادبي ماحول جوڙڻ ۾ بنيادي ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪيائون. سڄي ڄمار مسڪين ماڻهن جو مفت طبي علاج ڪيائون. پاڻ ڪمال درجي جا مهمان نواز ۽ سخي مڙس هيا. انهيءَ دورجاسنڌ جا وڏا گويا ۽ راڳي ڏاڏا سائينءَ کي پنهنجو گرو سمجهي اوطاق تي سدائين حاضريون ڀريندا هيا. استاد جمن، سهراب فقير، استاد منظور علي خان دايو، سينگار علي سليم، ڪيس استاد ڪري مڃيندا هيا. مون کي ياد آهي ننڍي هوندي جڏهن سهراب فقير سان ملندو هيس ته منهنجا هٿ چمي اکين تي رکندو هيو ۽ چوندو هو، تون اسان جي محبوب هاديءَ جو ٻچو آهين. پاڻ صوفي طريقت سائين دُر محمد هيسباڻيءَ جا محبوب طالب هيا جنهن پنهنجي گادي کيس سونپڻ چاهي.پر پاڻ اُتي به نعرا مستانه هڻي پيريءَ کان فقيريءَ کي ترجيح ڏنائون. سائين در محمد پنهنجي پڳ،لٺ ۽جُبوپنهنجي وفات کان ڪجهه وقت اڳ عطا فرمايس.ڪيترائي عقيدتمند کين منٿون ڪندا رهيا ته اسان کي پنهنجي مريديءَ خاديءَ ۾ قبول ڪريو پر پاڻ هميشه انڪار ڪندا رهيا. ڪنهن به حالت ۾ کين پير بڻجڻ قبول نه هئو.

پنهنجي **ڏاڏي سهاڳڻ** کي

جنهن جي پنهنجي ڳوٺ سميت پرپاسي جي ڳوٺن تي به هڪ قسم جي حڪمراني هلندي هئي. منجهس اڳواڻيءَ واريون صلاحيتو اُتم درجي موجود هيون. تر جي مشهور دائي ٻارن ۽ عورتن جي بيمارين جي ماهر هئي.

پنهنجي نانا سائين **محرم فقير شيخ** کي

جنهن جهڙو بردبار ماڻهو مان اڄ تائين ناهي ڏٺو. حاضر جوابي ۽ ظرافت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئو. ننڍڙن ٻارن لاءِ انتهائي شفيق انسان هيو.انڪري سڄي ڳوٺ جي ٻارن جو بابو وڏو هوندو هو. جنهن جي گود منهنجي لاءِ آڪيرو هئي. هو منهنجي لاءِ طلسماتي شخصيت هو. جنهن منهنجو هر انگل پورو ڪيو. ناني جي بدولت منهنجو ننڍپڻ شاهي انداز ۾ گذريو پاڻ سڄي حياتي هر هڪ سان ميٺ محبت ۾ گذاريائين.

پنهنجي ناني **سبحان خاتون** کي

جيڪا منهنجي ڏاڏي سائينءَ جي وڏي ڀيڻ هئي. هوءَ خوبصورت پوڙهي پري پنهنجي زماني جي وڏي سوشل ورڪر هئي. جنهن ڳوٺ جا ڪيترائي ٻار پڙهايا. غريب شاگردن جي مالي سهائتا

ڪندي هئي. عورتن کي هنر سيکاريائين. قرآن شريف جي تعليم ڏنائين. جنهن کري استاد جي نالي سان مشهور هئي. جنهن پنهنجي ڪردار جي ذريعي ڪمال درجي جي عزت حاصل ڪئي. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي وڏي مداح هئي. موقعي جي مناسبت سان جڙ انسڪائيلوپيڊيا هئي. جنهن پنهنجي اعليٰ صفتن جي ذريعي بزرگيءَ جو درجو حاصل ڪري ورتو هيو. ڪتابن سان عشق هيس مان هميشه ڪيس مطالعو ڪندي ۽ ٻين کي فائدو پهچائيندي ڏٺو. ننڍپڻ ۾ سڄو قصص الانبياء ۽ نور نامون مان نانيءَ کان ٻڌو.

# پنهنجي پاران

فنڪار ڪيمياگر آهي ۽ فنڪاري ڪيمياگري وڪرموجود آهن ڪچي مال جي صورت ۾ ترتيب ۽ پيشڪش فن آهي. جيڪا فنڪار کي ڏيڻي آهي. ان ڪري ڪاوش جو نتيجو فنپاري جي شڪل ۾ ظاهر ٿيڻو آهي. اهو فنڪار جو ڪم آهي ته ڪهڙين شين کي ڪهڙي طريقي سان ترتيب ٿو ڏئي ۽ پيش ڪري.

آرٽ اوپرائپ ختم ڪندو آهي.جاڻ سڃاڻ پيدا ڪري پنهنجائپ کي جنم ڏيندو آهي. ه ٻئي جي جذبن،دردن،مسئلن ۽ خوشين جي واقفيت ڪرائيندو آهي هڪ ٻئي کي آگاهه ڪندو آهي ته تنهنجون منهنجون ساڳيون گهرجون آهن. تنهنجي منهنجي اهنجن جو ساڳيو حل آهي.

اسان پنهنجي اندر ۾ ڏک کي قيد ڪيون وينا آهيون. جنهن ڪري اذيت ۾ مبتلا رهندا آهيون ۽ اسان جي اندر ۾ خود رحمي يا اذيت پسندي جنم وٺندي آهي. جيڪا اسان کي ڪوڪلو ڪري سماجي طور ناڪاره بڻائي ڇڏيندي آهي. پرفن پنهنجي طاقت جي زور تي ڏک کي اسان جي اندر مان آزادي ڏياري اسان کي راحت پهچائيندو آهي. ۽ اسان سماجي حوالي سان ڪارگر ٿي پوندا آهن فن ڏک کي موقعو ڏيندو آهي. جيترو آزاد ٿي ڦهلجي سگهين ٿو ڦهلج .فن جي ذريعي آزاد ٿي جيترو ڏکُ ڦهلاءُ ڪائيندو آهي اوترو لطف ۽ تحريڪ ۾ بدلجندو ويندو آهي. يورپ، آمريڪا ۽ ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ جڏهن ڏُک فن جي ذيعي آزادي ماڻي ۽ ڦهلاءُ ڪاڏو ته انقلاب مٿان انقلاب برپا ڪرڻ شروع ڪيائين.

جيڪڏهن سنڌ ۾ بہ مجموعي طور فن ڏُک تي آزادي ڏيارڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو ته صدين جي غلاميءَ جو ازالو ڪري وٺندو. فن اڪيلو ناهي هوندو ان جي پويان ڪو فڪر ۽ تڪميل توريل رٿابندي هوندي آهي. ان جي آڏو ڪي مقصد هوندا آهن. فن پاڻ انساني خوبين جوڪرشماتي اظهار آهي فن بہ بين فطري مظهرن وانگر پيو ڦيرا ڪائيندو آهي ۽ان جا پلٽا انساني تقدير پنتي رکندا آهن.

فطرت جو اظهار شاعراڻو آهي. جيڪڏهن ڪنهن انسان جا حواس شاعري محسوس نٿا ڪري سگهن ته سمجهو اهي ناڪاره ٿي چڪا آهن. ان ڪري هڪ زنده انسان ۾ هي خصوصيتون لازمي هجڻ گهرجن. شاعراڻا حواس، شاعراڻا خيال ۽ شاعراڻا اظهار يقين ڄاڻو جڏهن سماج شاعراڻو ٿي ويندو تہ هيءَ انساني دنيا جنت جو روپ ڌاري وٺندي ۽ انسانيت پنهنجي معراج کي پهچي ويندي.

شاعريءَ ۾ ڪائنات پنهنجي ازل کان ابد تائين واري سموري وقت ۽ واقعي سميت چلندي آهي. شاعري سمورن علمن جو مرڪب آهي تہ نچوڙ بہ حال،ما ۽ مستقبل شاعريءَ جا خاص محرڪ آهن، شاعري وقت گان بہ وسيع آهي. شاعري اها حقيقت آهي جنهن جو اظهار علامتي ۽ ڏند ڪٿائي آهي. جڏهن حقيقت کي اظهار لئہ ڏند ڪٿائي زبان ملي ٿي تہ اهو ميلاپ شاعري کي الهامي بڻائي ڇڏي ٿو.

هيءَبہ هڪ اچرج ۾ وجهندڙ حقيقت آهي تہ شاعر ۽ شيطان شروع کان وٺي انسانن جي فنڪار جو شڪار رهيا آهنۋ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ ازل لاکون انسانن،شاعرن ۽ ديوتائن جي چاهيندي نہ چاهيندي بہ پرستش پئي آهي.

دراصل شاعر باهہ جو جهنگ آهي جنهن ۾ خيالن جا شعلا شعلا پڻ آهن. شاعري باهہ جو سمنڊ

شاعري آتشي جنت آهي. جنهن جون نعمتون دوزخ کي به ٿڌو ڪري سگهن ٿيون. شاعري اهو وڻ آهي جنهن ۾ جنت ستارن جو ميوو ٿيندو آهي. شاعريءَ کي ڪاٺ ڪٽي واري ڇهنب ٿيندي آهي. جنهن سان اها دلين کي ٽُڪي پور ڪري انهن ۾ رهندو آهي.

مان هميشه فطرت کي به اهو ئي چوندو ٻڌو آهي ته شاعرو! اوهان جي لفظن ڪان سواءِ هي ڪائنات گونگي آهي. زمانو لفظن ۾ محفوظ رهندو. فظ حافظو آهن. لفظ آواز آهن يادگيرين جو لفظ ماضيءَ جون شڪليون آهن. لفظن ۾ ئي مستقبل جو عڪس آهي. لفظ حال ۾ جيئڻ جي آهن نشاني. لفظ زبان جي سونهن ۽ ٻوليءَ جو بدن آهن. ڪهاڻيون لفظن ۾ رهاڻيون لفظن ۾، لفظن ۾ ئي آهن ڪائنات جي ڪٿا. وهن تا سپ رنگ لفظن ۾ نسرن تا سپ سنگ لفظن ۾. شين جي غير موجودگيءَ ۾ موجودگي لفظ آهن سڄاڻپ شين جي.

جيئن ڳورهاري عورت کي خبر پئجي ويندي آهي ته اها ٻار ڄڻڻ واري آهي. مان به پنهنجي اندر ۾ اهڙي اُڻ تُڻ ۽ آنڌ مانڌ محسوس ڪندو آهيان ۽ لکڻ ۾ جُنبي ويندو آهيان. منهنجو ضمير واڪا ڪري چوندو آهي مون کي نظم لکڻو آهي. ريگستان لاءِ نخلستان جهڙو. مون کي نظم لکڻوآهي. جيڪو بي دماغن لاءِ دماغ جو ڪم ڏئي سگهي. مون کي مئل دلين لاءِ ڌڙڪنن جهڙيون سٽون سرجڻيون آهن. مونکي نظم لکڻو آهي.خزان رسيده اکين لاءِ رنگن ۽ روشنين جي بهار جهڙو مونکي اهڙو نظم لکڻو آهي. جيڪو ٻارن لاءِ رانديڪو ٿي پئي. مون کي اهڙو نظم لکڻو آهي جنهن ۾ ايترا ته آسرا هجن ايترو ته اميدن ڀريو هجي جو پڙهڻ ڪانپوءِ ڪو به خودڪشي ڪري نه سگهي.

مان اهو ڄاڻو آهي ته انسانيت جو سگهارو دليل شاعري آهي.

**شڪيل احمد**

**CELL: 0335 0027884**

اي ٻچڙا!
مان ٻچاڻ رڏل آهيان
هڪ ڪتابي وڻن جو جهنگل
جنهن ۾ قتندڙ هر پن تي آهي
ڪا ڪهاڻي ڪو نظم لکيل
انهيءَ ڪتابي جهنگل ۾ رهندڙ
هر پکي جيت جڻيوءِ جانور
آهي پڙهيل لکيل
جنهن کي علم جو ويري
وقت جو ابوجهل
باهه ڏئي ساڙڻ ٿو چاهي

اي ٻچڙا!
مان ٻچاڻ ۾ رُڏل آهيان
هڪ موسيقيءَ جو شهر
جنهن ۾ هر گهر آهي سازن جو نهيل
جنهن جا سڀ رهواسي آهن راڳي
۽ رستا رقص
هنن جي تهذيب ترنم
هنن جي ثقافت شاعري آهي
مصوري هتان جي موسم
قرب هتان جو قانون آهي

اي ٻچڙا!
منهنجي رت جو گروپ
الف کان ي تائين واڌو به آهي
ته ڪاٽو به
مان ڪنهن جي روح کي
روشنيءَ جو رت ڏئي سگهان ٿو
پوءِ اهو روح
رات جو هجي
يا ابليس جو

اي ٻچڙا!
مان شاعريءَ مان پنهنجي ضرورت جي
هر شيءِ جوڙي ونندو آهيان
عشق جي اسم اعظم سان
سرڪش حسن جهڪائي وڌو اٿم
قرآن جهڙو گلدستو آهي دل منهنجي
جنهن جي ڪا ڏڙڪن گيتا جو شلوڪ

ڪا ڏڙڪن بائيبل جي آيت
ڪا زبور جو ذڪر
ڪا توريت جو ترانو آهي
مان دوزخي عورتن جو اوتار شاعر آهيان

او ٻچڙا!
مان خلا ۾ جهنگ پوکيا آهن
مان لفظن جي رڻن سان
ملڪن جون سرحدي لڪيرون ڊاهيان

او ٻچڙا!
اڄا مڪانن جي مونجهارن مان ڪڍي
انسانن کي ٽانيڪو ڪرڻو اٿم
هوائن جي گهرن ۾
رهڻ سيکارڻو آ سين کي
وجودن جي جاگرافي
وحدانيت سمجهائڻي آ انهن کي
انهن کي هڪ اهڙي ٻولي سيکارڻي آ
جنهن ۾ سڀ ٻوليون ڳالهايون ۽ سمجهيون وڃن
تيزيءَ جي تهذيب کان آشنا ڪرائڻو آ سيني کي
انهن جي جسمن کي روحن وانگر
۽ روحن کي جسمن وانگر بنائڻو آ
خيال جهڙو ڪيئن ٿيو آ
انهيءَ ۾ مهارت ۾ پڙ ڪرڻو آ سين کي
اي ٻچڙا!
ماڻهو ماڻهوءَ ۾ ملائي
ائين سڀ گڏائي
پيهر هڪ آدم ناهڻو آ مون کي

****
2017

اي پٽ! مان سنڌ کي
دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ اُچاري ڏٺو آهي
ان جي امرتي تاثير ۾
ترجيتري ٻه ڪمي نٿي اچي

اي پٽ! مان سنڌ کي
سڄڻ جي اک سان ڏٺوآهي
تہ دشمن جي اک سان بہ
مونکي سنڌ
ٻنهي اکين سان عظيم ترنظر آئي آهي
ٻئي ان جي حاصلات لاءِ وڙهن ٿا
اي پٽ! مان سنڌ کي وسارڻ لاءِ
سموري دنيا جا سفر ڪيا
پر هر سفر مون کي
سنڌ جي سڪ جو سبق ئي پڙهايو

اي پٽ! مان سنڌ سان
ڏارين جيان بہ پيش آيس
پر ان جي شفقتن ۽ نوازشن ۾
ذري برابر بہ ڪمي نہ آئي

اي پٽ! سنڌ ڪو غلاميءَ جو استعارو ناهي
پر بغاوت ۽ محبت جو
هڪ عظيم داستان آ
اهو داستان جنهن کي بيان ڪندي
تاريخ جي بہ زبان وچڙي پوي ٿي
ان تي ايتري هيبت ۽ دهشت ڇانئجي ٿي وڃي
جو تاريخ جي وات مان لفظ ئي نٿا نڪرن
جي نڪرن ٿا تہ ڇڙيل لفظ
جيڪي ٻڌي تہ سگهجن ٿا
پر سمجھ ۾ نہ پيا اچن
***
2.2017

مان سنڌ آهيان
منهنجا پنهنجا وهڪرا آهن
هر ڏسا هر طرف
ڪو وهڪرو منهنجو
آمريڪا ۾ چوڙ ٿو ڪري
ڪو گشت ٿو ڪري يورپ ۾
بابل بہ منهنجي بندرگاهہ رهيو آهي
تہ مصر بہ منهنجو پيٽ
مان سنڌ آهيان
منهنجا ڪيئي وهڪرا آهن
مون منجهان
ڌرتيءَ جي ڪير ڌارا ٿي وهي
زندگيءَ جي ٻج مان
انسان جو سلو مون منجهہ ئي ڦٽو
۽ وڏي وڻ ٿيو
موهن جو دڙو
منهنجي مانگ ۾
جهومر جيان آهي
مان مظلوميت جو وطن
مان معصوميت جي تاريخ آهيان
مان سنڌ آهيان
منهنجا ڪيئي وهڪرا آهن

منهنجين موجن ڪان اڄ تائين
ڪوبہ ناهي ڌاڙو ٿي سگهيو
مان وڏا غوراب
غرق ڪري ڇڏيا
سڪندر جو سرو ناش مان آهيان
منهنجن وهڪري ۾
هر حملي آور لڙهي ويو
منهنجي موجن ۾
بن قاسم ٻڏي مئو
مان سنڌ آهيان
منهنجا ڪيئي وهڪرا آهن

اها ڪهڙي قوم آهي
جنهن منهنجي دسترخوان تان ناهي ڪاڌو
اها ڪهڙي قوم آهي
جيڪا مون منجهان سيراب نہ ٿي هجي

اها ڪهڙي قوم آهي
جيڪا مون وٽان فيضياب نہ ٿي هجي
عرش تائين ٿهليل آهي
منهنجي شهريت
جنت بہ منهنجي مداح آهي
مان سنڌ آهيان
منهنجا ڪيئي وهڪرا آهن

جيڪو بہ مون کي
خواب ۾ ڏسندو آهي
اهو شاعر بڻجي ويندو آهي
جيڪو بہ مون کي
دل سان اچاريندو آهي
اهو سورهيہ بڻجي ويندو آ
جيڪو بہ مون تي ويچاريندو آهي
اهو الم بڻجي ويندو آهي
منهنجي مٽيءَ مان ساز ڦٽندا آهن
مون ۾ فنڪارن جي پوک ٿيندي آهي
مان سنڌ آهيان
منهنجا ڪيئي وهڪرا آهن
***

تون ڄاڻين ٿو
پوءِ بہ مڪر ڪري ٿو پڇين
ڏيکاءُ خاطر اڻڄاڻ بڻجي
ڄاڻڻ ٿو چاهين
دراصل
تون منهنجي سڃاڻپ لڪائي
ختم ڪرڻ ٿو چاهين
تون مون کي ترجمو ڪري
منهنجي اصلوڪي ٻولي کان
الڳ ڏيکارڻ ٿو چاهين
تون پراڻن آسماني ڪتابن وانگر
مون ۾ ردوبدل ڪري منهنجو متن هٽائڻ ٿو چاهين
منهنجو پيغام ڦيرائڻ ٿو چاهين
ٻڌي ڇڏ
کي ڇڏ
تون ناڪام ٿي ويٺو آهين
مان سنڌي آهيان
سنڌي هيس
سنڌي رهڻو آهيان
توکي ياد ڏياريندو هلان
جي مذهبي آهين تہ
آدم کان
ها اهو آدم شِو
جي لاديني ۽ ماديت پرست آهين
تہ بہ لِکُ مان سنڌي آهيان
پهرين سيل کان جتان زندگيءَ جي شروعات ٿي
مون کي ڇوڙ ڏي تہ خدا جي خيال ۾ ٿي
مان سنڌيءَ طور جنم ورتو هو
ڌرتيءَ تي ظهور پذير ٿيڻ کان
پدمين نوري سال اڳ
ايترو اڳ جو توهان ان جو اندازو ئي نٿا لڳائي سگهو
مان سنڌي آهيان
منهنجي سڃاڻپ جي نشاني

تون حسين آهين عشق جي آغاز جھڙي
تنھنجا وار پھاڙي رستا آهن
تنھنجي هر تر جي تاريخ
رات کان بہ آڳاٽي آهي
تون اڏامندڙگهرن وارو شهر آهين
مان آسماني گهٽين جو آواره ستارو آهين
منھنجي ڇاتيءَ تي تنھنجين چمين وارا تمغا چمڪن ٿا
ان ڪري ڪوبہ سپهہ سالار منھنجي همسري نٿو ڪري سگهي
تنھنجي معصوميت
منھنجي وحشت کي شڪست ڏني آهي
تنھنجو حسن مهنجي بُک کان بہ سگهارو آهي
تنھنجي آڏو ڏُک پنھنجي ياد داشت وڃائي ٿو ويهي
ڪنهن بہ سفر تان منھنجي واپس موٽڻ جو ڪارڻ تون آهين
منھنجا چپ تنھنجي ڳلن جا ڪلما پڙهن ٿا
توسان منسوب هر شيءِ شاعري بڻجي وڃي ٿي
گرامر ڪوڙ ٿو بڪي
تون منھنجو ضد نہ پر منھنجي معنيٰ آهين
معاشرتي مرض ۾ مبتلا مريضن کي
اسان پنهي تي ان ڪري ڪاوڙ آهي جو
اسان تهذيبي نرگست کي شڪست ڏني آهي
اهي اسان جي سڄاٽپ ڪرڻ ۾
مڪل طور ناڪام ويا آهن ڇو جو اڄ تائين
جيڪو ڪنهن جو بہ ڪنهن سان ناهي جڙيو
منھنجو توسان اهو رشتو آهي
جنهن کي ڪابہ زبان نالو نٿي ڏئي سگهجي

*.*

2.2017.

مهين جو دڙو
منهنجي وارن جو رنگ تهذيب يافته
منهنجو قد انسانيت جي تاريخ
منهنجو مذهب امن
منهنجي جنس عشق آهي
مان جنس قوم سان تعلق رکان ٿو
ان جي سورمائن جي
پوري ڪهڪشان آهي
اسان جي شهيدن جي
پوري کير ڏارا آ
اي انسانيت جا ويري اسان جا دشمن
جي تون صحيح معنيٰ ۾
سنڌين جي آدمشماري ڪرين
ته يقين ڄاڻ
سنڌين ۾ تون پاڻ کي به شامل ڪري وجهندين
ڇو جو
هيءَ موجوده سنڌ ته منهنجي گهر جو اڱڻ آهي
منهنجي ملڪ جون سرحدون
۽ ڪائنات جون ساڳيون آهن
هيءَ ڌرتي ته جزيرو آهي
ان انادي سمنڊ جو
ڪوڙي حددخلي ڄاڻائي
مون کي ٻي گهر ڪرڻ جي اجائي ڪوشش نه ڪر
مان ته صرف پنهنجي گهر جي
جيڪا موجوده سنڌ آهي
ان جي رجسٽري ٿو چاهيان
***
1.2015

تون مون  تي چميءَ جي مُهر هڻي ڪنهن به پتي تي
ڪنهن به دور ۾ موڪلي سگهين ٿي
توسان هر دفعي ملڻ
مون کي هڪ نئين جنم وانگر لڳندو آهي
مان توسان ملي حالتن کا ائين بي نياز ٿيويندو آهيان
جيئن ڪو تازو جاول ٻار هجي
هر شام اسان جي ميلاپ جو معاهدو آهي
جنهن کي اسان ميڻ بتين جي روشنيءَ ۾ ورجائيندا آهيون
۽ رات جي اونداهيءَ ۾ پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون
تون هر قسم جي آرٽ منجهان حاصل ٿيل حسن آهين
۽ مان انقلاب وانگر تو وٽ ايندو آهيان
جدائي واري وقت کي پاڻ
بغاوت يا جدوجهد سان ڀيٽي سگهون ٿا
مان جڏهن تو وٽ برسات ۾ اندلني گهوڙي تي
سوار ٿي ايندو آهيان
ته ڪڪرن جي مٿان ڪهاڻين جا ڪيئي وڻ ڦٽي پوندا آهن
جن جا قصاگو پن ڇڻي
سموري ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويندا آهن
جنهن ڪري
ليڪڪن جي غربت ۽ڪتب خانن جي بک ختم  ٿيندي آهي
*.*
19.4.2020

مان تنھنجي مٿان شڪاري پکيءَ جيان
پر ڦڙڪائي رهيو آهيان
پر الائي ڇو جڏهن تو مٿان
جهڙپ هڻڻ جي ڪيان ٿو
منهنجا چنبا ٽڙيل گلن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا

تو منجهه آخر ايتري جادوگر اڻا معصوميت
ڪٿان آئي آهي
جو مان بکايل شينهن وانگر جڏهن توڏانهن وڌان ٿو
تہ منهنجا ڏند ميڻ جي بڻجي وڃن ٿا

مان اڄ تائين هيئن فطرت ڪي
ڪنهن جو بچاءُ ڪندي ناهي ڏٺو
لڳي ائين پيو
سموري ڪائنات جي بقا جو دارومدار
تنهنجي وجود جي سلامتيءَ سان سلهاڙيل آهي
*.*
12.12.2019

انسانن جو نسل
ڪيئن ناس ٿيو
سرسبز ڌرتيءَ جو گولو
سڙيل ڪاري ڪوئلي ۾
ڪيئن تبديل ٿيو
خلائي مخلوق جا
ماهر سائنسدان
سالن جي کوجنا ڪانپوءِ
ان نتيجي تي پهتا آهن تہ
سوين ڳالهہ اڳ
انسانن جي
ظلمن کان تنگ اچي
وڻ پکين تي سوار ٿي
عدم ڏانهن اڏامي ويا
۽ سيني جانورن
ڌرتيءَ جي ڪنارن تي
خلا ۾ ٽپا ڏئي
خودڪشي ڪري ڇڏي
ائٽمي راند جو ورلڊ ڪپ کيڏندي
انسان چار ٿي ويا
۽ ڌرتيءَ جو سرسبز گولو
سڙي اڱر ٿي ويو
*.*
2.2014

ڪچيءَ ننڊ مان
ڇرڪ ڀري جو جاڳيس
خوابن سان ڀريل ريل
پٽڙي تان لهي وئي
روح ۾ ريسڪيو آپريشن
شروع آهي
اکين جي اسپتالن ۾
ايمرجنسي لڳائي وئي آ
اُڌمن جو عوام
سوڳ ۾ ورتجي ويو آهي
حواس صحافين جيان
واقعي جا تفصيل ٻڌائيندا ٿا رهن

هن وقت تائين ملندڙ ڄاڻ مطابق
مرندڙ جو تعداد
مسافرن کان وڌيڪ آهي
*.*
3.2014

رات ي ننڊ ۾
پنڌ ڪرڻ جي عادت آهي
شايد
ڪو خواب اڳيان اچي ويو هوندس
تڏهن ته اڌ رات جو
ريل ڪوڪون پئي ڪري
*.*

.

تو کان سوا
گهر سينواجي ويو آهي
بيٺي بيٺي گاڏيءَ مان
گاهه ڦٽي آيو آ
ڪتابن مان لفظ لڏي ويا آهن
توکان سواءِ
مان ڪلر بلائينڊ ٿي چڪو آهيان
جدائيءَ کان سواءِ
ڪو رنگ ئي نظر نٿو اچي
سج تي دز ڄمي وئي آ
ٻه چنڊ چاري ۾
ڪڙڪبيتي جيئن پيو ڦٿڪي
*.*
4.2014

ٽپهريءَ جي چنڊ جهڙي
هوءَ
عمر جي اڌڙوٽ حصي ۾
هڪ اهڙو رواج بڻجي چڪي آهي
جيڪو هاڻي ٽيڙ وارو آهي
هڪ اهڙي بيپرواهي
جنهن ۾ ڳٽتيءَ
بانبڙا پائڻ شروع ڪيا آهن
هاڻي هن کي
چوڪرين جي وچ ۾
اهو احساس ڪائيندو آهي
ته اهي ڪائنس
اڌ تي اڌ ننڍيون آهن
هن ڪان جوانيءَ جي مصروفتين سبب
پنهنجي شاديءَ جي دعوت
وسري وئي هئي
بهار جي پڇاڙڪن ڏينهن جهڙي
هوءَ3
ٽيپپهريءَ جو چنڊ
مون ڪانراتين جي اونداهي گهرڻ آئي هئي
*.*
5.2014

خلا جي خمير مان پيدائش ٿي آ منهنجي
مان موت جو پهريون عاشق آهيان
غم پنهنجي ڪنوار پ مون کي ٿي ارپي هئي
مان اهو شعر آهيان
جنهن کي ان جا سپ رهواسي
ويا جي ڏچ ڪان
خالي ڪري هليا ويا آهن
مون وٽ گذريل وٽ جو هر پل
پنهنجن سمورين وارتائن سميت محفوظ آهي
مان اهو پوپٽ آهيان
جنهن جا پر
ڪنڊن ۾ وچڙي پيا آهن
مان ڌرتي جي ماڪ جو رهواسي آهيان
جتي تاريخ جو جنم ٿيو هو
منهنجي قوم جو هر فرد
حنوط ٿيل ممي آهي
صليب جهڙي صحرا ۾
هر جهوپڙي تابوت آهي
ڪفن ۾ ڪافور جون سچيون ڪهاڻيون
ڏند ڪٿائن جو روپ ڌاري ويون آهن
ڪيوليون قبرن مان مڙدا
ڪوٺي ڪڍن ٿيون
اکين مان خوابن جا ڪيڙا نڪري
ساپيائن جي سينن تي
گيسڙيون ٿا پائن
ايڏي ڪمزوري تي پئي آ فضا کي
جو هوان جون دونهاتيل رڳون ظاهر ٿي پيون آهن
ڪير ميجي يا نه ميجي
بکياري جو وطن ماني آهي

۽ اجاري جي قوم پاٽيءَ جا قطرا
مان بہ پيٽ گذر واسطي
اڇوت ٻارن وانگر
پنهنجي جهول واري ٻاچڪي ۾
انساني ڍيرن تان ماٽهپي جا پاتا
پڳل دلين جا شيشا
روحن جا ٽُڪر
خوابن جي پلاسٽڪ پيو ميڙيان
مان ڪيچڙ مان ڪنول پيو چونڊيان
*.*
4.2017

هن پٽاري ملڪ جون واڳون
واڳن جي هٿن ۾ آهن
بديءَ جي بادشاهي آ هتڙي
هتان جا فقير بہ ڦورو
هتان جون رڍون بہ بگهڙ آهن
هتي هر عمارت مٿان وينيون آهن ڳجهون
هتي چيگم چهرا
تبديل ٿيندا ٿا رهن
هتي ڊبل روٽين جهڙا بدن
روحن جي لذت کان خالي
ءِ پيار کان پاڪ(لو پروف) دليون آهن
هتي دونهين جا ڪڪر
رت جو مينهن وسائن ٿا
هتي جا ٻار ننڍپڻ کان پيدائشي محروم
هتان جي جوانن ڪڏهن جواني
خواب ۾ بہ ناهي ڏٺي
هتي جو ڀڏاپو بي عزتو
هتي انسانيت يتيم آهي
هتي پاڻ کي جيڪو بہ ڏسندو
اهو پاڻ تان هٿ ڌوئي ويهندو
هتي شناسائي موت آهي
هتي آئينا اکيون ٿا کڻن
ڦاڙن ٿا لتا
وار ٿا پٽن
روڙن ٿا جسم تان ماس
آئينا انسانن وانگر چتا ٿي پيا آهن
ڪاون جو لشڪر بڻجي
هر طرف کان ڪن ٿا حملو
تنهنڪري اسان
پنهنجا منهن ئي وساري ڪڏيا آهن
ان ڪري جو آئينا انسانن وانگر
آدمخور ٿي پيا آهن
4.2017 *.*

منهنجي پوين پاڇا لڳا آهن
مون کي وهم ٻوڙائي پيا آهن
خواهشن جي خوفناڪ جهنگل ۾
لفظن جا پاڇولا ڊيڄارين ٿا مون کي
سٽن جو سناٽو ڏڪائي ٿو وجهي
آئون اسونهون اويلو
موضوئن جا جهنگ گهاٽا
خيالن کان خوف ٿو ٿئي ڏاڍو
مان مدد لاءِ
معصوم اڻڄاڻائيءَ کي سڏيان ٿو
تہ آزاد خياليءَ جي روشني
منهنجي حفاظت لاءِ
مون کي ويڙهي ٿي وجي
۽ هٿ نوڪي ڏاهپ جي
مايا نگريءَ مان اڏائي پار پڄائي
ويندي ويندي هٿ ۾ ڪاڳر ڏئي ٿي وڃي
جنهن ۾ هيءَ نصيحت آهي لکيل تہ
”ڪڏهن بہ نظرين جا نَنهن وڌڻ نہ ڏجن
نہ تہ انسانيت جي ڇهري جو ماس
رانيوٽا پائي روڙي وٺندا
ڪڏهن بہ مذهبن کي
مٿي تي نہ چاڙهجي
نہ تہ مٿو ئي پٽي ويندا“

*.*

درد
عورت جي
اڌ جيترو به نه آهي

ڪوبه ڪتاب
عورت جي هڪ ڪچهريءَ کان
وڏو نٿو ٿي سگهي

مرد ڪندو آ
خدائيءَ جي دعويٰ
پر پوڄيندو عورت کي آهي

مرد
عورت جي
پاڇي ۾ قيد آهي

رات
عورت جي مٺي ۾
جونءِ جيتري مس آ
ڏينهن
چڪي چڪي
عورت جي
ماڪيءَ جيترو ٿيندو

*.*
5.2017

اي منهنجي آئي ايم ايف جهڙي محبوبا
ٽين دنيا جهڙيون
منهنجون حالتون آهن
مان سچو تنهنجي پيار جي قرض ۾ ٻڏو يو آهيان
اوسائڻ! تنهنجي ساموندي سطح وڌڻ جي ڪري
مان مالديپ ملڪ ۽ وينس شهر وانگر غرق ٿي رهيو آهيان
مون کي جياپي لاءِ گهربل آهن
تنهنجا جزيرا
اها عالمي سامراج جي سازش آهي
جنهن اسان کي ورهائي
اتر ڪوريا ۽ ڏکڻ ڪوريا ٺاهي ڇڏيو آ
سرڪاري مخالفتن باوجود به
اسان جي عضون جو سامراجي عوام
هڪ ٻئي سان ملڻ لاءِ آتو آهي
اچي ڏس ته سهي
مان موهن جو دڙو لڳو پيو آهيان
تنهنجي ڇڏي وڃڻ ڪانپوءِ منهنجي حالت
ايٿوپيا جهڙي ٿي پئي آهي
ڪيترين ئي اين جي اوز جهڙيون ڇوڪريون
منهنجي حالت سنوارڻ لاءِ ميدان ۾ لهي پيون آهن
پر تون ئي ٻڌاءِ
اين جي اوز ڪهڙي ملڪ کي فرانس ٺاهيو آهي
هونئن به مون کي پرڏيهي امداد طور مليل همدرديون
نه کپن
*.*

مان محاذ تان موٽيو آهيان
تون جهاز تان لٿي آهين
شايد تون به وڇوڙي وارو سڄو عرصو
زندگيءَ کان ٻاهر ويل هئينءَ
اڄ ٻئي گڏيا آهيون
ته سورج مکين جو سيلاب آيو آهي
رابيل مکڙين جو مينهن وسيو آ
جانان! جنگ جو احوال پڇين ٿي ته ٻُڌ
وڇوڙي جو سڄو عرصو
مان برف ۾ دفنايل لاش هيس
محاذ تي هلايل منهنجي هر گولي
مون کي ئي پئي لڳي
سچ پڇين ته جنگ ۾ ڪو به ناهي کٽيندو
سچ ته اهو آهي محبت ۾ ڪو به هارائيندو ناهي
توکي الوداع ڪندي مهل ائين ڀانيو هيم
شام سمي ٻيڙيءَ تي سج سوار ٿي
سمنڊ جي ٻئي پار وڃي رهيو آهي
هميشه هميشه ڪڏهن به نه ورڻ لاءِ
آهه ڪيتيون نه يادون آهن
جيڪي اڄ مان توسان دُهرائڻ ٿو چاهيان
پرين ياد ٿو پوي ته
مان توکي پهريون دفعو
اسٽيشن تي ڏٺو هو
تون خوابن جي ريل سوار ٿي رهي هئينءَ
پنهنجو پيار هوائي اڏي تي پروان چڙهيو هيو
ساڀيان جي جهاز ۾ سفر ڪندي
ٻئي پاڻ بندرگاهه تي وڇڙيا هئاسين
ڦي منهنجا محبوب

هونئن بہ ريلوي اسٽيشنون
سامونڊي بندرگاھہ ۽ هوائي اڏا
عشق لاءِ ڏاڍيون موزون
۽ شاعراڻيون جڳهون آهن
آهن!
پر تا حياتي انهيءَ ڳالهہ جو افسوس رهندم
مان تنهنجي لاءِ اسڪول مان تہ ڀُسائي وٺندو هيس
پر الائي ڇو جنگ تان ڀسائي نہ سگهيس
*.*
4.2017

بگهڙ جي اوناڙ وانگي
چنڊ ايريو آهي
جيئڻ جي سرسراهٽ وانگر ستارا
جڳمڳائڻ لڳا آهن
اڪيلائيءَ جي خالي پيٽماني ۾
مان تنهجي تصور کي اوتي
سوچن جي چپن سان
سرڪيون پيري رهيو آهيان
مون کي اهو وقت ياد آهي
جڏهن محبت جي رات، ميهونڳيءَ ۾
پنهنجا جسم
ميڻ بتين وانگر پٽي پريا
جوانين جو سوجهرو هيو
تون پنهنجي وارن مان اُٽي ريشمي ڪپڙو
ان مان منهنجي لاءِ وڳو سبي ڪٽي آئي هئينءَ
۽ مان پنهنجي وارن مان ناهي
توکي تحفي ۾ ڏني
۽ خوابن جي منڊيءَ ۾
مان پنهنجيون اکيون مڙهائي
محبت جي مڱڻيءَ مهل توکي پارائيون هيون
اسان هر ستاري تي هر سال
هني مون ملهائڻ جو سوچيو هو
پاڻ طئہ ڪيو هيوسين تہ سجي حياتي
سيلانين وانگر گذاريندا سي
خيمو پنهنجو گهر هوندو
جيڪو هتان پٽي هُت هٽبو
رڳو جيئبو ۽ رُلبو
زندگيءَ جي شاهراهہ تي هلندي
اوچتو اهڙو طوفان اچي ٽڪرايو

جو هتن مان وصل جي ڇتي ڇڏائجي وئي
وڻ اسان جي رستي تي ڪري پيا
ٽٽي پيون دلين جو تارون
عشق ارٿ تي ويو
ارمانن جون ڇتيون اڏامڻ لڳيون
حسرتن جون ڀتيون ڪري پيون
۽ پاڻ وڇوڙي جي ڪاهيءَ ۾ ترڪي ڪرياسين
۽ صديون اسان کي وهائي ويون

*.*

1.2015

بکيو پيٽ ڏسي
پورهيت جا هٿ روئن ٿا
وڪرو ٿيل تصويرون
مصور کي
مئل ماءُ وانگي ياد ڪري رهيون آهن
رازي جو بي گهر ٻچڙو
پنهنجي پيءُ جا حسرت مان
تعمير ڪيل پلازا ڏسي ٿو
ڌرتيءَ ڏٺي پنهنجي ٻنيءَ تي ٻه
هارپي لاءِ
ڏارين کي منٿون پيا ڪن
ٻار پنهنجي والدين جي
پيشانيءَ وارن گهنجن
۽ هٿ ترين جي لڪيرن تي
پنهنجو اسڪولي گهرو ڪم ڪن ٿا
سمنڊ ڪناري مڇيون
تازا ناريل ٿيون ڪپائن
ٻيڙيون پاڻيءَ کان ٻاهر
جلا وطنيءَ جا ڏينهن گهاري رهيون آهن
مان زمين کي جتان ٻه کوٽيان ٿو
اتان خنجر ٿا نڪرن
شايد ان ڪري
جو اسان امن دفنائي ڇڏيو آهي
بهار جو لاش
پوپٽن جي ڪلهن تي آهي
اي آسمان اڄ ته اڏارا ڪڪر ڏي
اکيون روئڻ ٿيون چاهن.
*.*
9.2014

سمنڊ سھاڳ رات ملھائي رھيو آھي
چنڊ سان گڏ
پر منھنجي روح ۾ وڇوڙي جا ولوڙا پون ٿا
۽ اڪيلائي التيون ٿي ڪري
تنھائيءَ جو سواد ڦڪو آھي
لوڏيائن ڳوڙھن لاءِ به اڄ ڪلھ
سڪي مئو آھيان
او مانيءَ ۾ ويڙهيل محبوبه!
مان ٻُڪ جي نقشي ۾ واقع ملڪ آھي
زبون حال آھي زندگي منھنجي
مان چِچريل چرچ آھيان
۽ دل اھڙو قافلو آھي
جنھن جو پرندڙ صحرا ۾
واريءَ جي طوفان مان گذر آ
مان پڳل شيشن وارو محل آھيان
۽ تنھنجون نيريون اکيون
منھنجا آسمان آھن
جي چاھين
مون کي بچائي سگھن ٿيون
مان پڇڙ تاري جيان
راتين جو تنھنجي ڳولھا ڪندو آھيان
مان اھا دري آھيان
جنھن مان مينھن اندر داخل نٿو ٿي سگھي
جنھن سان ھوائون ٽڪرائجي ڪري ٿيون پون
پنھنجي وچ ۾
آئينا رڪاوٽون بڻيل آھن
وڇوڙي جي ھٿ جون نانگ آڱريون
وڪوڙي ويون آھن مون کي
اکين ۾ خواب
آنن وانگر اُبرڻ لڳا آھن
اڄ
دل جي ڪڙھائي ڪائيندو وڇوڙو
اونڌي بيڙي آھي عشق پنھنجو.
*.*

مفتوح قومن مٿان
هميشہ تاريخ جو نزلو
ڪيرايو ويندو آهي
هارايل هميشہ بي وقوف
۽ ڪمزور هوندا آهن
جي ڏاها ۽ سگهارا هجن هان
تہ هارائن ئي ڇو هان
هارايلن جي ٻولي
ڳالهائڻ جي لائق ئي ناهي رهندي
ڳالهائڻ سان زبان پليت ٿي پوندي آهي
هارايلن سان گڏ
انهن جا خدا بہ هارائي وڃهندا آهن
جي اهي ايترا سگهارا ۽ عظيم هجن هان
تہ پنهنجي پوڄيندڙن کي
ڪامياب ڇو نہ ڪن هان
هارايلن جي تهذيب
سواءِ ڇٽ پائيءَ جي ٻي ڪجهہ هوندي ئي ناهي
جيڪا انسانيت کي شرساري ڪندي آ سدائين
هارايل انسانن مان ڦري
لکين سال اڳ وارا
ساڳيا زناور ٿي پوندا آهن
هر فاتح جي لکيل تاريخ
مفتوح قوم جي باري ۾
ائين ئي ٻوڪندي آهي.
*.*
3.2013

سياري جو سج گوتم
ماحول مراقبي ۾ آهي
وڻ خالي ڪرڻ لڳا آهن پنهنجون گودڙيون
اتر جي هوا رقص بسمل ٿي ڪري
دل جڻ آتشڪدو ٿو ٻري
هٿ سيڪي ٿو
درد جو زرتشت جنهن تي
وحشي ناچ ٿيون ڪن يادون
چوڏاري جنهن جي
محبت مچ ڪچهري مچايون ويٺي آ
۽ وحشي پکي رات جا
ننڊ جا شڪاري
خوابن کي چيرن ڦاڙن ٿا
لونءِ لونءِ مان
جذبا بگهڙن وانگي ٿا اوناڙن
ٻج ۾ سڪون جي ندي
چرڪي رُخ مٽائي ٿي وڃي
اُجايل هرڻن وانگي حواس
ڊوڙي ڊوڙي دماغ کي
ڌُڌڙ سان پري ٿا ڇڏن
مان ٻن ملڪن جي وچ ۾
تڪراري خطي وانگي
خانه جنگيءَ واري
حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهيان
مان اهو ننڍڙو ملڪ آهيان
جنهن مٿان
بيقراريءَ جا سوين جنگي جهاز
بمباري ڪري رهيا آهن.
*.*

مون ڏانهن ايندڙ سڀ رستا
توکي آلا ٿي ملندا
مان ڏامر جي زمين ۾
ڦٽي آيل وڻ آهيان
جيڪو تيزاب جي پاڻيءَ تي
وڌيو ويجهو آهي
شيطان شراب ڏنو هو
ان ڪري
فرشتن جيئن گذري آهي منهنجي جواني
پر اي نازنين اهو ته ٻڌاءِ
تون ڇو اهڙي پٿر کي تراشڻ آئي آهين
جنهن کي سيني تراشن تڏي ڇڏيو آهي
تون ڇو سيني ڇوڪرين هٿان
رد ڪيل ڇوڪري کي
اپنائي رهي آهين
تون ڇو اهڙي کي پنهنجو سهاڳ پئي ٻڌائين
جنهن کي بدسوڻ سمجهي
ڪوڏسڻ به گوارا ناهي ڪندو
تون ڪير آهين
اي محبت جهڙي مهربان اپسرا
توکي ڪهڙي گل جڻيو آهي
تون ڪهڙي ڪکر مان وسي آهي
تون ڪهڙي پکيءَ جي ٻولي آهين
تون ڪهڙي جبل جي چوٽي آهين
تون جا
چنڊ مان وهندڙ آبشار جيان لڳي رهي آهين
۽ مون کي نديءَ جيئن
سيراب ڪرڻ آئي آهين
ڪٿي تون ايفروڊائيٽ ته ناهين
*.*
12.2017

منهنجو جيءُ جپسن جيان آهي
سچ منهنجو گهوڙو
۽ چنڊ منهنجو خيمو آهي
موسمون منهنجو سفر آهي
شاعري ۽ ناچ تي آهي گُذر منهنجو
پراچين سنڌ جهڙو
منهنجو مهانڊو آ
۽ آفريڪين جهڙيون عادتون
صحرا جهڙي ثقافت
۽ ريڊ انڊين جهڙو روح آهي منهنجو
او منهنجا پرين
تنهنجي قبضي ۾ اچڻ ڪانپوءِ
مان پاڻ مان بگهڙن کي ٻاهر نڪرڻ ئي نٿو ڏيان
شينهن کي روح جي اونهاين ۾ واڙي ڇڏيو اٿم
۽ عقابن جي اکين تي عشق جا ڪوپا چاڙهي ڇڏيا آهن
مان پنهنجي دل ۾ پيدا ٿيل جبل پورينڊو رهان ٿو
ڪٿي توکي ڪو جوکو نہ رسائي وجهن
وڻن جو ۽ منهنجو مذهب
ساڳيو آهي
سمنڊ منهنجي
سجاڳيءَ واري حالت آ
او ندين جهڙي نينگري
سمهڻ ڪانپوءِ
منهنجي سموري جسم تي
خواب ڦٽي پوندي آهين
۽ سيني خوابن ۾
تون ڦٽي پوندي آهين
انيڪ روپن سان
*.*
12.2014

هر روز مَٽَ هوندو آهي
سچاپچڻ ۾ ناهي ايندو
شهر ڪراچي
هي ٽاڪرو جابلو جزيرو
هي شهر سامونڊي ديوتا جيان
هي لنگر انداز ٽيل
نوح جي ٻيڙيءَ جهڙو شهر
جنهن وري سيئي خباثتون
چڙهي آهن ويٺيون
هتي ڪڏهن ڪڏهن
موت ۽ زندگيءَ ۾ فرق محسوس ناهي ٿيندو
ڪراچي قيدي شهر
ڪراچي ٻار ويڳاڙو
ڪراچي طلسمي چار
جنهن۾ قاسڻ لاءِ مڇيون ڦٿڪن ٿيون پيون
ان جو هڪ ٻيو عورتاڻو پاسو بہ آهي
مهاديو شو وانگر
پاروتيءَ جي نموني
ها اها ئي عورتاڻي مزاج واري ڪراچي
مون منجهہ وجود
پنهنجو اباڻو ڳوٺ گهمڻ ايندي آهي
پر صحيح سنڌي ناهي ڳالهائي سگهندي
پنهنجي مادري ٻولي هاڻي ڏکي ٿي سمجهي
جيڪا پنهنجي جلاوطنيءَ تي مون ۾ اچي روئندي آهي
پاڻ کي سينگارڻ جي ڪوشش ڪندي آهي
ميٺ سان وهنجي
مٿي ۾ وجهي لاس
ڪندي آهي بہ چوٽيون
ڏندن تي مساڳ ملي
ميٺديءَ جا گل هٿن تي ڪيدي
پنهنجي وڇايل سهاڳ لاءِ پار ڪيدي روئندي آهي
مائي ڪلاچي
*.*
11.2016

تاريخون ۽ قومون
شهيدن جو رت
ماڪيءَ وانگر چٽيندين آهن
انسانيت لاءِ ڏنل
مقدس قربانين جو قسم
آزاديءَ جا خواب
سامراجي اکين ۾
ڦلا ڪري وجهندا آهن
جڏهن خوابن جي پن ڇڻ مند ايندي آهي
تڏهن هٿيارن سان هر ڪاهبا آهن
۽ قربانن جو فصل پوکبو آهي
انهيءَ رُت ۾ ڪتابن جا ورق
ڳاڙها ٿي ويندا آهن
هيءَ ئي عشق جي ڪورجڻ جي مند هوندي آهي
*.*
12.2014

اي منهنجا پرين!
پاڻ جڏهن ٻہ ملندا آهيون
تہ رات نيري ٿي ويندي آهي
۽ چنڊ گلابي
اڄ پاڻ گلابي چانڊوڪيءَ ۾ موڪلائي رهيا آهيون
اي منهنجا محبوب
وري پاڻ شايد
ڳاڙهي چانڊوڪيءَ ۾ ملون
*.*

آسمان جا آسرا ڏئي
اسان کان زمين ڦري وئي آهي
هاڻي خلا ۾ جلاوطني ڪاٽي رهيا آهيون
ڪنهن ستاري يا سياري جي سرحد ۾
اسان کي داخل ٿيڻ نٿو ڏنو وڃي
خلا ۾ خيما نٿا کوڙي سگهجن
ها جائي خيمن لاءِ به ڪپڙو گهرجي
جيڪو اسان کي پائڻ لاءِ به ميسر ناهي
اسان جي ته جسمن کي بک جو لباس اوڍيل آهي
*.*

تنهنجي اچڻ جي خوشيءَ ۾
ستارا گهنڊڙين وانگي وڄي رهيا آهن
۽ چانديءَ جي پهاڙن مان
سون جو آبشار جاري ٿيو آهي
مون کي اڄ پهريون ڀيرو ائين پيو محسوس ٿئي
تہ رات ڪاري گلاب جيان ڪڙي آهي
۽ ستارا ماڪ وانگر وسي رهيا آهن
هميشہ چنڊ منهنجي مٿان
يا درياهہ ۾ مون سان گڏ گهميو آهي
پر اڄ پهريون ڀيرو ان کي پنهنجي
ڀاڪر ۾ محسوس ڪري رهيو آهيان
وقت مان رات جي راڻيءَ جي سڳنڌ پئي اچي
خيال جهڙي نفيس تنهنجي پوپٽي بدن جا
ڪائناتي رنگ
مون کي هوليءَ جي مقدس تهوار جيان ملهائي رهيا آهيون
تنهنجي ساهہ مان صندل جي خوشبو پئي اچي
۽ مون ۾ قوتن جيئن خواهشون ڦٽي رهيون آهن
تنهنجي سونهن بهار جي پهرين وسڪاري جيان
مون کي آلو ڪري رهي آهي
۽ مون منجهان ڀنل مٽيءَ جي
خوشبوءِ جهڙا اُڏما ٿا اُٿن
جيئن ٻڙڪي باهہ جو شعلو
تون ائين نظر اچي رهي آهين
سڪون مون ۾ پکين وانگي اڏامي رهيو آهي
سمنڊ جي ڇٽن سرن وانگر
جذبات پئي چلي
وينس جي ڪنواري روح جهڙي سائڻ
منهنجي هر حس جي حسرت تون آهين
منهنجي هر نس ۾ تون ۾ تون ئي گردش ٿي ڪرين
تون مون لاءِ خوابن جو ڪئليندر آهين
مان توکي انعام وانگر حاصل ڪيو آهي
مان توکي بيش بها تحفي وانگر کوليندو وڃان ٿو.
❋.❋ 5.2014

مان جڏهن توکي چمي ڏيندو آهيان
تہ سمورو سمنڊ ٻيڙين سان ڀرجي ويندو آهي
۽ جهنگلن ۾ جانور
ناهہ ڪائي ٻچڙ لڳندا آهن
ماڪيءَ جي ماناري مان
رس ڳڙڻ لڳندي آهي
۽ بارش
صحرا جو رخ ڪندي آ
مان جڏهن توکي ڀاڪر ۾ ڀريندو آهيان
تہ ستارن جي روشني تيز ٿي ويندي آهي
۽ دنيا ۾ باغي تحريڪون
جنم وٺنديون آهن
۽ هر ملڪ ۾
سياسي اٿل پٿل شروع ٿي ويندي آهي
پنهنجو ملڪ
فطرت جا قانون مٽائي ڇڏيندو آهي
پاڻ ٻئي فلسفي جا فڪر
سائنس جو سچ
۽ ادب جو ادراڪ آهيون
ڏند ڪٿائن وارا قصا بہ تہ
اسان ٻنهي جا ئي داستان آهن
ناٽڪن ۾ اداڪار
اسان جا ئي ڪردار ادا ڪن ٿا
شاعريءَ ۾ بہ تہ
اسان کي ئي اظهاريو ويو آهي
ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ بہ تہ
اسان ٻنهي جي
عڪاسي ڪئي ويندي آهي
اي منهنجا محبوب
مان جڏهن توکي ڀاڪر ۾ ڀريندو آهيان
تہ گلن جو رنگ گهرو ٿي ويندو آهي
مان جڏهن توکي چمي ڏيندو آهيان
تہ سمورو آسمان جهازن سان ڍڪجي ويندو آهي.

جڏهن ٻه مان توکي سڏيندو آهيان
نظم هليا ويندا آهن
۽ شاعري وجد ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳندي آهي

جڏهن ٻه مان توکي سڏيندو آهيان
درد دهلجي ويندا آهن
۽ وڇوڙي کي پنهنجي
سِرَ جي اچي لڳندي آهي

جڏهن ٻه مان توکي سڏيندو آهيان
تہ لونءَ لونءَ مان
تنهنجون وراڻيون ٻڌڻ ۾ ايندين آهن
۽ مان پڙاڏن جي
ڪائنات بڻجي ويندوآهيان

جڏهن ٻہ مان
توکي ساهہ کڻندي ڏسندو آهيان
مون کان ساهہ کڻڻ وسري ويندو آهي
پر مون ۾ ساهہ پئجي ويندو آهي

جڏهن ٻہ مان
تنهنجن چپن تي
پنهنجي آڱر رکندو آهيان
تہ اها لپ اسٽڪ بڻجي پوندي آهي

جڏهن ٻہ مان تنهنجي وارن تي هٿ ڦيريندو آهيان
تہ اهو هٿ هيئر ڪيچر ۾ تبديل ٿي ويندو آهي
جنهن کي تنهنجون سهيلون حسرت منجهان ڏسنديون آهن
*.*

مصروف شهر جا ٽڪل رستا
اڌ رات جو
بيهوشيءَ واري ننڊ پيا آهن
۽ مان شهر جي ننڊاکي دنيا ۾
هڪ پريشان خواب وانگر
ڀٽڪي رهيو آهيان
پر چنڊ وانگي آهستي تو هلان
متان رستا ڇرڪ ڀري جاڳي پون
۽ شهر جي آرام ۾ خلل پوي
*.*

شهر ۾ ڪرفيو جي حالت آهي
انسانن کان سواءِ سڀ  آزاد آهن
ڪتو گهٽيءَ ۾ بي فڪرائيءَ سان گهمي پيو
پاريهل هڪ ڇت کان اڏامي ٻيءَ ڇت تي ٿا ويهن
موٽر ڪارون روڊ تي بي خوف بيٺيون آهن
هوا جي سنگ ڪاڳر ڪليون ٻہ
مزي سان اڏامندا وتن ٿا
پر درن کي
ڏج جاڪرف ڏنل آهن
۽ دريون
خوف کان ٻوٽيل اکيون لڳيون پيون آهن
۽ ماڻهو
ها ڪنهن زماني ۾ هتي رهندا هيا.
*.*

جڏهن عورت تخليق ٿي
دردڪان دانهون نڪري ويون
ڌرتيءَ چيو
مون کي جاڙي ڀيڻ ڄائي آ
چنڊ ٻاسيو
اڄ مون کي چهرو مليو آ
سچ سوچيو
اها ئي تہ منهنجو روح آهي

جڏهن عورت پيدا ٿي
سمنڊ ڀيريون ڏفعو ٻوليو
وڻ ڀيريون ڏفعو ٻوليو
وڻ ڀيريون ڏفعو جهوميا
۽ ڪائنات کي
پنهنجو ڪارج سمجھہ ۾ آيو

جڏهن عورت پيدا ٿي
آدم کي اکيون عطا ٿيون.
مرد کي دل ملي
۽ پهاڙ لائو اوڳاڇي ڦاٽا

حقيقت اها آهي
ماءُ جي روپ ۾
خود کي خلقي خدا
پنهنجو ئي شڪرانو ٻجا آندو.
*.*
6.2014

هي ڪهڙي قسم جو وڻ آهي
جنهن جي ويجهو ويندي
هوا خوف ٿي کائي
پکين جا کنپ ڇڻي ٿا پون
هن جي ڇانو جي ويجهو وڃڻ جي ته
رات منجهه به جرئت ناهي
هي ڪهڙو وڻ آهي
جنهن جو بچاءُ
وطن جا ازلي ويري
ڪهڙا ڪري رهيا آهن
ڪانيرَ ۾ وڏا هن جي بچاءَ لاءِ
تحريڪون پيا هلائن
هي ڪڙي قسم جو وڻ آهي
جو يوپا ۾ پيير
هن کي مقدس وڻ پيا قرار ڏين
زرعي ماهر هن کي ڌرتيءَ جي
زرخيزيءَ جو ضامن ڄاڻائن پيا
دوا ساز ڪمپنين جي دعوي آهي ته
هن ۾ هر قسم جي بيماريءَ جي
علاج جون خاصيتون آهن
حالانڪ هي وڻ
ڏينهن جو ڪاربان ۾ رات جو
هائڊرو گئسون خارج ڪري رهيو آهي
هن ۾ ڪنڊن بدران گوليون
پنن بدران ڪارا فرمان
ميون بدران بم ڦُٽن ٿا
جڏهن ته هن وڻ جي هينان
ڪو ساهوارو ساهه نٿو کڻي سگهي
اصل حقيقت ته اها آهي
هي وطن جو ويري
ماحول دشمن
۽ آدم خور قسم جو وڻ آهي
1.2017*.*

ڏس ڪايا ڪيئن پلٽو کاڌو آهي
ماضيءَ جا عظيم الشان ديوتا
پنهنجن ئي پوڄيندڙن کي
پوڄي رهيا آهن

فطرت کي بچائڻ واسطي
ڌرتيءَ جي بقا لاءِ
چنڊ جي جان جي امان خاطر
دريائن جي بخشش جي غرض سان
سمنڊن جي سندرتا واسطي
انسانن کي راضي ڪرڻ لاءِ
پنهنجين خداين جا
بليدان ڏئي رهيا آهن
هو انسان جي
تاريخي معصومت کي ياد ڪري
رت جا ڳوڙها پيا وهائن
هو پنهنجين دعائن ۾
انسانن کي
انهن غارن جا واسطا ڏئي رهيا آهن
جيڪي انهن جا پهريان گهر هيا
پنن جي پوشاڪن
کَلُن جي لباس جا
واسطا ڏئي رهيا آهن
جن هنن کي تهذيب يافته ڪرڻ ۾
شروعاتي ڪردار ادا ڪيو
انهن مذهبن جي مهابي
هن سرشتيءَ جي جان جي امان گهري رهيا آهن
جن تي ڪڏهن هنن جو اعتقاد هيو

يا جن تي ڪڏهن هنن جو اعتقاد هيو
يا جن کي هاڻي بہ مڃي رهيا آهن
جن جي خاطر هنن هڪٻئي جو
بيان ڪرڻ کان ٻاهر
بي انداز رت وهايو
جن جي خاطر هي هڪ ٻئي سان
هاڻي بہ وڙهي رهيا آهن

پر انسان تہ
ديوتائن کان بہ وڏيڪ
ڪنور هوڏي ۽ تباهي آڻيندڙ
ثابت ٿيو آهي.
*.*
2.2017

باھ وانگر
بيچينيءَ جو ساڙيندڙ سيڪ
سڪ سان ويھڻ ناھي ڏيندو
تنھنجي ياءَ
ڇتين گرمين ۾ بہ
مونکي ڏڪڻيءَ وانگر
ورائي ويندي آھي
تنھنجو خيال ايندي ئي
ٿڌ سياري ۾ بہ
پگھر تار ڪري وھندا آھن
انتظار ھر عضوي ۾
بيچيني پيدا ڪري ڇڏيندي آھي
اوجانان!
تون پلي راتين ڪان
ننڊن جا نذرانا
۽ خوابن جا خراج
وصول ڪندي رت
پر تنھنجي فراق ۾
منھنجون اکيون
اوجاڳا روئن ٿيون
او بيخبر شھزادي
مان تنھنجي
روزمره جي ماحول وانگر آھيان
جنھن ۾ تون رھين ٿي
پر ان کي نظر انداز ڪندي ٿي رھين
تون مون کي ھٿ ۾ جھليل قلم جيان وساري ڇڏيو آھي
ياد ڪر ننڊپڻ ۾ مون کي
پوپٽ جيان پڪڙي
ماچيس جي خالي کوکي ۾ وجھي
اچلائي ڇڏيو ھُيئي

جيڪا سونهري ننڊڙي مڇي
تنهنجيهٺ ۾ ڦٿڪي مئي هئي
اها مان هيس
پرائي هٿ ۾ ڏسي
جنهن رانديڪي لاءِ
تون ڏاڍو رُني هئينءَ!
اهو به ڪو ٻيو نه
مان ئي هيس
اوه تون مونکي اجا به نٿي سڃاڻين
مان تنهنجي ساموندي جهاز جهڙن خوابن جو
ڪپتان آهيان.
*.*
3.2017

بغاوتن جو پرم
ڇا ڪو انقلاب رکي سگھندو
ڇا قربانين جو قصاص
آزادي پري سگھندي
ڇا غلاميءَ جو ازالو
ڪوبہ ڪفارو ڪري سگھي ٿو
ڇا اذيتن کي آٿت
دردن کي دکداري
۽ رنج کي راحت
ڪنھن اڻ ڏٺي آسري ۾ ملي سگھي ٿي
مٽيءَ جھڙي ممتا
۽ پاڻيءَ جھڙو پيار
ڪو نظريو ڏئي سگھندو ڇا
پڏاءِ اي زندگي
تون تہ ويسر جي وار سان
ھر ڪنھن کي موڳو ڪري
مطمئن ڪندي ٿي رھي
پر مان توکان ٿوپڇان
ڇا مون کي
انھنسوالن جا جواب ڏئي سگھندينءَ
شيخ اياز پڇاڙيءَ ۾ جيئن
موت سان ڪئي گفتگو
ائين اڄ
مان توسان مخاطب آھيان زندگي
مونکان لڪ نہ
نہ ئي ڪجھ لڪاءِ
اي زندگي
مان ڄاڻان ٿو
تنھنجي سفاڪي ۽ درندگي
مئلن کي بہ ڏڪائي ٿي وجھي
پر ڪا اھڙي بہ ادا آھي
جيڪا توکي بہ جھڪائي ٿي وجھي؟!

تون اهو وڻ آهين
جنهن هيٺان ويهندي
مون کي هر دفعي
نئين قسم جو نرواڻ ملندو آهي
جڏهن تون ٿهڪ ڏيندي آهين
تہ ائين لڳندو آهي ڄڻ
سفيد ڪبوتر ڦڙڦڙائي رهيا آهن
تو کي سهڪندو ڏسي
مون کي اندازو ٿي ويو هو
تہ ڌرتي ساهہ ڪيئن کڻندي آهي
تنهنجي اکين جي معرفت ئي
منهنجي سمنڊ سان شناسائي ٿي هئي
تنهنجوارن ئي مون کي
رات جي رازن کان واقف ڪيو هو
توکي ڏسڻ کان پوءِ ئي
منهنجي اکين ۾ ايتري سگهہ پيدا ٿي
جو بنا اک ڇنڀڻ جي تڪ ٻڌي
سج کي ابد تائين ڇتائي ڏسي سگهان
منهنجي سوچ جي چانڊوڪيءَ ۾ صرف تون ئي تون نظر ايندي آهين
ما توتي هميشہ نئين مذهب وانگر ايمان آندو آهي
توڙي جو مان
هر ساهہ ۾ سوين دفعا مرتد ٿيو آهيان
*.*
12.2014

هي شراب جي بوتل سان گڏ سمهندو آهي
هي سگريٽ سان گڏ جاڳندو آ
ننڊ جي شيو ڪري
چانهه سان وهنجي
قلم جهڙي وجود تي
ڪاغذن جو لباس پهري
ڪتابن سان گڏ ڪم تي لڳي ويندو آهيان
پر اڄ هن ڪي چا تي ويو آ
جو اڃا تائين هن
آرس جي انڊلٺ ناهي اڀاري
نہ تہ وڏي اسر جو
ڪڪڙن کي بہ ٻانگون ڏئي
هي اٿاريندو آهي
هوڏانهن ڏس تہ سهي ٻاهر
صبح اوٻاسيون پيو ڏئي
سمنڊ
ٻيڙيءَ تي سوار ٿي
صحرا جي سير تي نڪتو آهي
ڏينهن جي پليٽ ۾
سج جو آمليٽ پيو آهي
مانيءَ کي بک لڳي آ
چانهيون چَپَ چَپ پيون ڪن
ڳوٺ شهرن ڏانهن پنڌ پيا آهن
پر هن صاحب جي مٿان
اڄ رلهي اڪ پٽي اٿي ئي نٿي
ڪٿي هي
ڪنهن خواب جي کوهہ ۾
تہ نہ ڪري پيو آهي.
*.*
10.2012

زندگيءَ تي يقين نٿو اچي
مرڻ تان اعتبار کڄي ويو آهي
هجڻ ۽ نہ هجڻ جي وچ ۾
خدا وڃائي ويٺو آهيان
مذهب سان بہ مسئلا حل نٿا ٿين
مذهب کان بغير بہ مايوسي ئي آهي
سائنس بہ تہ مذهب کان ڇني
مذهب ڏانهن ئي وٺيو ٿي وڃي
ڪوريئڙي جي ڄاري ۾ ويڙهجي ويو آهيان
وحشي خواب
منهنجين اکين کي
مڇين جيئن تري رهيا آهن
مان وڻ جي
ڇٽيل پتن جيئن سڙان ڳڙان ٿو
مون مان رڳون ۽ هڏا ظاهر ٿي پيا آهن
مرٽينگ حالت ۾
هن دنيا منجهہ
داخل لڳو پيو آهيان
اڙي يار زندگيءَ جون ڪهڙيون ٿو ڳالهايون پڇين
مون کي هن جي اڳياڙيءَ جي خبر هئي
مان هن جي پڇاڙيءَ کان واقف هيس
ان ڪري
مان زندگيءَ سان نڪاح ۾
ٽي دفعا انڪار ڪري
چوٿين پيري
طلاق جي شرط سان ها ڪئي
درد ۽ موت منهنجا گواهہ بڻيا هئا
پر زندگيءَ حق مهر جي آڙ ۾
منهنجا سمورا حق ضبط ڪري ڇڏيا آهن.
*.*
5.2015

منهنجي وڏن مان ڪنهن بہ
ٻئي ملڪ تي ناحق حملو ناهي ڪيو
پر هميشہ
پنهنجي ديس جي بچاءُ ۾ شهيد ٿيا
ان ڪري انهن مان ڪوبہ
عظيم جي خطاب سان
ياد ناهي ڪيو ويندو
جيئن عظيم سڪندر
منهنجي وڏن مان ڪنهن بہ
انساني منڍين جا مينار ڪڙا ناهن ڪيا
پر انسانيت لاءِ پنهنجي
سِرن جا نذرانا ڏنا آهن
ان ڪري انهن مان ڪوبہ
خان جي لقب سان ياد ناهي ڪيو ويندو
جئن چنگيز خان
منهنجي وڏن مان ڪنهن بہ
قوم سان غداري نہ ڪئي
ملڪ کي ڌارين هٿ نہ وڪيو
انڪري انهن مان ڪوبہ
سر يا خانهادر بڻجي نہ سگهيو
جيئن.......

بس ٿهيو
انهن جا ڪپڙا نالا ڪٽان
سمجهي تہ ويا هوندئو
اهو ئي ڪارڻ آهي جو
منهنجي وڏن جو
تاريخ ۾ ڪوبہ ذڪر ناهي
پر هيءَ ڌرتي انهن جي تاريخ سان ڀري پئي آهي
مان گمنام شهيدن جي نسل منجهان آهيان.
*.*

ڳوڙهن ۾ ٻڏل هن شهر  کي ڏسي
اچرج منجهان
اکين کي ڏندين آڱريون آهن
هي شهر منيءَ جو قطرو
جنهن ۾ لکين اڻٽيٽا انسان ڦٿڪن ٿا
هي شهر آهي ڪوپار حرامي
(جڏهن ته ڪوبہ پار حرامي ناهي ٿيندو)
وڃي ٿو ناليءَ ۾ لُڙهندو
هي شهر هيرونيءَ جهڙو
زخمي حات ۾ ڊير پيپيو آهي
هي شهر اهڙي وئشيا
جنهن جا سڀ گراهڪ
ايڊز جا مريض
هي شهر پلاسٽڪ جي ڦاٿل ڳوٿري
جنهن مان ماڻهو وهن ٿا
ڌرتيءَ جي بدن تي ڦُرڙيءَ جهڙو
هي پوائنٽو ڏائڻ شهر
اهڙو اڳ تہ نہ هو

هن آدمخور شهر منجهہ
ٿي بي حسي بازارن ۾ وڪامي
۽ لوپ پئي خريدي کپائي
هتان جي ترڙن رستن کي
پيرن کان سخت ٻُڇان آهي
هنن انڌن رستن تي
اکين کي بہ
سفر ڪرڻ جي اجازت ناهي
پر گاڏين کي ڇوٽ آهي
پلي غرور ۾ پرجي
غنڊا گردي ڪنديون وتن

هتڙي عمارتون عيش ٽيون ڪن
۽ بوٽن جي بادشاهي آهي
هتي بدن شيشا ۽ روح ڏامر رهن ٿا
هتي ڪپڙا ڪردار جي ڪسوٽي آهن
دراصل هن شهر ۾ ماڻهو منع آهن
هتي انسانيت لڙهي ٿي نالين ۾
يا ڦيٿن جي هيٺان چيپاٽبي آهي
هن شهر ۾ رڳو سبيل ڪپڙا ساهه کڻندا آهن
۽ بوٽ پنڌ ڪندا آهن
هي شارڪ جهڙو شهر
مون کي بہ حضرت يونس جيان ڳهي ويو آهي
تڏهن بہ مان هن جي هر گهٽي ۽ چونڪ تي
وڻ ٻڌجي ڦٽان ٿو
پر هي پَيغمبرن جهڙن ٻکين پکين جو قاتل شهر
مون کي وڏي
مصلوب ٿيل عيسيٰ ٻڌائي ٿو چڙهي
۽ ڪنهن نہ ڪنهن مريم ڏانهن
منسوب ڪري
ان جي پاڪ دامنيءَ تي
بهتان ٿو مڙهي.
*.*
7.2016

تون آهين سڪل گلاب
جيڪو منهنجي سيني جي ڪتاب ۾ پيو آ
توکي پاڻيءَ جي نہ پر ضرورت آ آهي ڳوڙهن جي
سرد شوڪارن ۾ تولئہ بهار جي جهوتي جيان آ
گذرندڙ وقت تنهنجي خوشبوءَ ۾ اِضافو ڪري ٿو
تون آهين يادن جي ڪهڪشان
باهہ آهي پنهنجي ميلاپ جي نشاني
عمر جي هن موڙ تي پهچي
منهنجو عشق هاڻي
عقيدت جو روپ اختيار ڪري ويو آهي
تون تقدس جو درجو حاصل ڪري وئي آهين
تون منهنجي نوجوانيءَ جو ڇڏيل ورثو آهين
تون آهين يادگيرين جي مورت
مون وٽان تنهنجو مادي روپ منسوخ ٿي چڪو آهي
ڇو جو مان دنيا جهان کان منهن موڙي ڇڏيو آهي
جنهن جو مان پاڻ بہ هڪ حصو آهيان
هونئن بہ روح کي ڏسڻ لاءِ تصور جي اکين جي
۽ بيان ڪرڻ لاءِ تخيل جي زبان جي ضرورت پوندي آهي
تون اها ٻولي آهين
جنهن جو مان آخري ڳالهائيندڙ بچيو آهيان.

*.*

تون چاڪليٽي ندي آهين
نچندڙ موڙ جهڙيون تنهنجون اکيون آهن
تون باهہ جي تاريخ آهين
تاندن جا چڳا آهن ڏاڙهون
جيڪي تنهنجي ڇاتيءَ جي زينت بڻيا وتن ٿا
۽ مان بکايل چڪوروانگر
تنهنجي چوڌاري چڪر ڪاٽيان ٿو
تنهنجا چنڊ هميشہ ڪڪرن ۾ ڪنوٽيون ٻڌجي ٻوڙن ٿيون
تو آڪاس وارو فلڪياتي نظام آهين
مان  وائڙي ٻارجهڙي ڌرتي
سدائين تنهنجي سوداءُ ۾ سرگردان
گهوماٽيون  ڪائيندو رهيو آهي
اڄ توسان ملڻ ڪانپوءِ ائين ٿو لڳي
ڄڻ هيءَ پهرين رات آهي جيڪا مان
غار کان ٻاهر ستارن ڀرئي آسمان هيٺان
گذاري رهيو آهيان
انسان جي روپ ۾ هيءَ منهنجو پهريون ڏينهن آهي
هيءَ ڇُمي پهريون لفظ آهي
جيڪو مان لکيو آ تنهنجي چپن تي
تون منهنجي زندگيءَ ۾ زرعي انقلاب وانگر ئي آهيان
توکي شايد خبر نہ هجي
تہ منهنجي تخليق ٽيڙ ڪان ي اڳ
مان تنهنجي ڪلپنا ڪئي هئي
ڏهن مون کي پنهنجوئي شعور ڪونہ هو
مون کي پنهنجي پهرين پهرين گهرج
تنهنجي ئي محسوس ٿي هئي
ان ڪانپوءِ ئي مون کي ساهہ کڻڻ جو خيال آيو هو
ڪاڏو تہ مون گهڻو گهڻو پوءِ طلبيو هو
جيئن جبل تي ڪوپٽر هيٺ گڙڪندو ايندو آهي
مان تو وٽ ائين پهتو آهيان
تون پنهنجي زندگيءَ جي عمارت ۾

ڪنهن جاءِ تي استعمال ڪري ڇڏي مون کي
مان تنهنجي مٽي ۾ هڪ وار جيتري حيثيت ٿو چاهيان
اک ۾ ڳوڙهي جيتري
جيڪو جڏهن وهي ته ڳل تي ئي سُڪي وڃي
۽ جسم ۾ هڪ خون جي قطري جيتري
جنهن جو ڪو پتو ئي نه پوي
۽ ها منهنجي اکين جون هي ٻئي ماڻڪيون
تون پنهنجي بدن مٿان
ڪنهن به جڳهه تي ٽڪ بٽائي سجائي سگهين ٿي
تنهنجي سولائيءَ خاطر
مان پاڻ کي تنهنجي مادري زبان ۾
ترجمو ڪرائي رهيو آهي.
*.*
3.5.2018

ابن رشد جي مٿان ٽُڪندڙ
زماني جي ٿُڪن ۾ لڙهي ٻڏي ويا
تون بہ مون کي پلي الرازيءَ وانگر ڪتابن سان ڳُٽ
سياڻي زماني جا پادر توتي ٿي وسندا
اي ڪاٻاڙي ذهن جا مالڪ
تون مون کي هڪ ڪتاب سان تورين
يا هزارين ڪتابن سان
هر حالت ۾ اسان جو وزن برابر ٿيندو
اي وقت جا ابو جهل
تون مون کي لکڻ کان ڇا روڪيندين
شمس تبريز وانگر
مان پنهنجي بدن جي کل لاهي
ان تي سچ جي قلم سان لکندس
منهنجي شاعريءَ جو هر حرف توکي
روميءَ وانگر رقص ڪندي نظر ايندو
بلڪل ائين جيئن ڌرتي لال ڦيريون پائيندي آهي
تو هي ڏسين نٿو ڇا
ڪتاب
منهنجي اکين ۾ هٿن کان آٽوگراف وٺڻ لاءِ
هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏئي
لتاڙي رهيا آهن
۽ لائبريريون
افراتفريءَ جي ور چڙهي ويون آهن.
*.*

جيڪا اسان چاهيون ٿا
اها عورت صرف تخيل آهي
شاعريءَ وانگر
ان عورت جوڪو
جسماني وجود آهي ئي ڪونہ
تہ اها ملندي ڪٿان

جيڪا اسان کي گهرجي
اها آزادي تہ
اسان پنهنجو پاڻ کي بہ نٿا ڏئي سگهون
تہ ٻيو ڪيئن ڏيندو

اسان سوچن کان بچڻ لاءِ سوچيون ٿا

اسان تڪليفن کان بچڻ لاءِ بکون ڪاٽجن

اسان زندگيءَ خاطر مرون ٿا
دراصل
اسان زندگي کي بچائڻ خاطر
جيئڻ ئي ڇڏي ٿا ڏيون
*.*

بهار جي هوا
مينهن واچ وانگر لڳندي آهي
۽ ڏوئندي آهي خزان جي جميل ڌُوڙ
پوءِ ظاهر ٿيڻ لڳنديون آهن
ڌرتيءَ ۾ دبيل شيون
دلين ۾ لڪل گل
وڻن مان نروار ٿيڻ لڳنديون آهن
هر جڳهه تان شاعري ڦٽندي آهي
۽ چنڊ آئيني تان
سڀ داغ ڌوپجي ويندا آهن

اهو سڀ ائين آهي
جيئن ڪُڪڙَ رات کي ڪڙهون هٽي
رتورت ڪري وجهن ٿا
پرهہ پکيئڙو پنهنجن پرن سان
سج تان ڪاري دز ڇنڊي ٿو
۽ وهائو تارو
نئين چاول صبح جي ڪن ۾
ٻانگ ڏي ٿو.
*.*

اي وڏي عمر واري عورت
مان تنهنجو ننڍي عمر وارو
ڇوڪرا ت عاشق آهيان
منهنجو درد منهنجي سمجهه کان وڏو آهي
منهنجو عشق تو جيڏو آ
مان چاهه جي ڇهنب ۾ جوڳي جيان آهيان
مان پنهنجي پتڪڙي دل
هر روز تنهنجي قدمن ۾ ڌريان ٿو
پر تون لتاڙي هلي وڃين ٿي
تنهنجو مون کي نظر انداز ڪرڻ
مون کي زندگيءَ کان پري ڪري رهيو آهي
تون منهنجي راندين جي  قاتل آهين
مان هم عمر دوستن کي بدن تي
اانهن جي پيئرن جي لباس جيڏو لڳان ٿو
ٻار جي اُڳهڙ وانگي
منهنجو عشق تماشو بڻجي ويو آهي
برفباريءَ ۾ ٻڪايل ٻگهڙ وانگي
مان پنهنجو توازن وڃائي وينو آهيان
خواب ننڊ جون اکيون آهن
۽ انهن جو نور تون آهين
جهنگ کي ٻاهه آهي تنهنجو حسن
مان سڄي رات وٽن وانگي
سڙندو ٿورهان

جوانيءَ جي جنت ۾ قدم رکندڙ
اي ننڍي عمر واري ڇوڪري
مان تنهنجو وڏي عمر وارو عاشق آهيان
تنهنجي جواني ڪيري آ
ٻاهه نيري آ
مان جيسيتائين توکي ڏسندو آهيان
انهيءَ دوران منهنجون اکيون
مسلسل پنهنجا رنگ

تبديل ڪنديون رهنديون آهن
تون جيڪا وارن ۾ سڳي وجهندي هئينءَ
مان ان کي ڳچيءَ ۾ ڳاءِ ڪري پائيندو آهيان
منهنجي محبت
تنهنجو شناختي ڪارڊ بڻجي وئي آهي
منهنجن خيالن ۾
تنهنجي اچ وڃ ساهه وانگي آ
مان ٽٽل دلين مان جڙيل تجريدي مجسمو آهيان
منهنجا نظم
پکين جا شهسوار آهن
جي غور سان ڏسندينءَ
تہ هر پکيءَ جي مٿان
توکي منهنجو هڪ نظم ويٺل نظر ايندو
اهو توکي اک پڇيندو
اڏامڪ چمي ڏيندو

پا ٻئي هم عمر آهيون
هڪ ڪلاسي ۾ هم روح
اسان ٻئي هڪٻئي سان جنسون بہ مٽائي سگهون ٿا
واري وٽيءَ تي
ڪڏهن مان عورت ڪڏهن تون
ڪڏهن تون مرد ڪڏهن مان
تنهنجو جسم روح جهڙو نفيس آهي
تون جڏهن
هنڌ ۾ سمهندي آهين
تہ منهنجي پاڪر ۾ جاڳندي آهين
تنهنجي هڪ اک قاتل ٻي اک مسيحا آهي
تن سمنڊ کي ساڙهيءَ وانگر پائي
چلندي وتين ٿي
مان تنهنجي دل جا ڏند پڳا آهن
تون تنهنجي ڪل مان نهيل خيمي ۾ رهين ٿي
او فيبروريءَ جي چوڏهين تاريخ جهڙي محبوبہ
تون هر مهيني جي چنڊ جي چوڏهينءَ واري رات آهين

تون مارچ جا آنيو
اپريل جو گلاب
جولاءِ جون برساتون آهين
تنهنجي جواني جون جو مهينو آهي

اي منهنجي ازلي محبوبا
تون تخيل کان بہ مٿاهون تصور آهين
تنهنجو ڪنهن بہ نقشي ۾ ذڪر نہ هئو
تون ڪنهن بہ داستان جو حصو نہ هئين
پر مان شاعريءَ جي معرفت تو تائين پهتو آهيان.
*.*
9.2015

منهنجي جلاوطنيءَ جي ڪهاڻي
ڏاڍي ڏکي آهي
مون کي ننڍپڻ ۾ ئي پرڻ بدران
ڪُليل ڪتاب ڦٽي پيو
تہ پرستان مان لوڏي ڇڏيائون

ڪهرام مچي ويو
جنهن مهل منهنجي دل ڌڙڪي
تہ مئل ڄاڻائي
دفنائي ڇڏيائون

مون منجهہ هئو ساحلي شهر جهڙو ڇوڪرو
جيڪو منهنجي سوچن جي سمنڊ ۾
غرق ٿي ويو
مان اهو خواب آهيان
جنهن کي ڏسڻ لاءِ
ڪابہ اک راضي نہ ٿي ٿئي
ايماندار آفيسر وانگر
جنهن جي هڪ اک ڪان ٻي اک
بدلي ٿيندي رهي ٿي

مان اها ڌڙڪن آهيان
جيڪا هڪ دل کان
ٻي دل دربدر ٿيندي
ڦُڏجندي ٿي رهي

ائين سمجهہ
مان اهو اڄاڻ پار آهيان
جيڪو هر عورت کي منٿون ڪري رهيو آهي
تہ مونکي پنهنجي پيٽ ۾ جاءِ ڏئي
پر ڪابہ عورت
مون کي ڄڻڻ جو جوکم نٿي کڻي.
*.*

مان جڏهن به
تنهنجي پرسان گذرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان
ٿاڦڙجي پوندو آهيان
تنهنجي پرسان گذرندي سائين
منهنجي سائيڪل جي چين لهي ويندي آهي
توکي سامهون ايندو ڏسي
قميص جا ڳلي وارا بٽڻ کلي ويندا آهن
بوٽ جون پڏل ڪهيون ڇڙي پونديون آهن
مان بوکلائجي ويندو آهيان
منهنجو سمورو اعتماد اسپرٽ وانگر
هوا ۾ اڏامي ويندو آهي
تون هڪ طوفان وانگر ايندي آهين
۽ مان سچو درهم برهم ٿي ويندو آهيان
مان قانوني طور سگريٽ خريد ڪرڻ
۽ سر عام پيئڻ واري عمر کان اڳ ئي پيار ڪيو آهي
مون کي پهريون خط لکڻ لاءِ ايتري محنت ڪرڻي پئي
جيتري گارشيا مارڪنيز کي ”اڪيلائيءَ جا هڪ سئو سال“
ناول لکڻ مهل به نه ڪرڻي پئي هوندي

مان نوٽ ڪيو آهي
گذريل سال ڏيڍ کان مينهن جڏهن به وسي ٿو
مونکي وحشي ڪري ڇڏي ٿو
کنوڻين جيان سڄي رات بستري تي تڙپندو رهان ٿو
گهر وارا سمجهن ٿا مون کي حسابي چڪر ٿي ويو آهي
مُلي به چيو اٿن مون مٿان ڪنهن پريءَ جو سايو آ
تنهنجي ڪري الله سان به ويجهڙائپ وڌي وئي آهي
مون مٿان ڪيترائي نالا پئجي ويا آهن
ڪاليج وارا استاد توڙي شاگرد
مون کي چاڪليٽي ڇوڪرو سڏن ٿا
ويجها دوست مجنون
پر مائٽن جي نظر ۾ اجا موڳو آهيان
مسين مسين ملي آهين

ڪٽي وسري نہ وڃين
ٻيون ڳالهيون پوءِ بہ ٻيون ٿينديون
ڦهريون اها خبر ڏي
گلابن جي مقابلي ۾
اليڪشن پئي وڙهين
تنهنجو انتخابي نشان ڪهڙو آهي
چپ وارو تر يا ڳٽي وارو ڇُگهہ
جيڪو ڪلڻ مهل پئجي ويندو اٿئي
ٻڌاءِ نہ
هن اليڪشن ۾ مان بہ ووٽ ڪرڻ جي لائق ٿي ويندس
منهنجو شناختي ڪارڊ ٺهڻ ۾ باقي ڏيڍ مهينو آهي
رڳو تنهنجو ساٿ کپي
سوچان ٿو اڳوپو
پنهنجو نڪاح نامو بہ ٺهرائي ڇڏيان.
*.*
11.2017

وٽن تي اچا ڪنگ
گورن ڏاهن وانگر
ٽين دنيا جي ڏيڍڙ عوام جي فڪر ۾
اُٻاٽڪا ويٺا آهن

۽ ڪو ٻني تي ڪاڪوس ڪري ويو آهي
جيئن اسان جا رهبر اسان جي واٽن تي ڪندا آهن

اپي ٻيهاريل گاڏي سان
ٻڌل ڏاند دانشوراڻي ماٺ ۾ ٻڌل ويٺو آهي
چڻ اجهو ڪائنات جا ڪي راز فاش ڪندو
يا ڪو اهڙو فڪر ڏيندو
جيڪو دنيا کي ڏونڌاڙي ڇڏيندو

شاخ جي ٽاپ سان گذرندڙ
رڪشي ۾ مزدور عورتون
ٻورين وانگر سٽيل آهن
جن ۾ حسرتن جو ڪارو ڳٽڙ پريل آهي

اڪين جو ٽريڪٽر دل ج نرالي ۾
سپنن جون سرون ڪنيو ٿو وڃي.
۽ ان ۾ وڏي واڪي
لوڪ گيت هلي رهيو آهي تہ
رستي جا وڻ
اڪثر وڏي ويل ۾ هوندا آهن
*.*

اي ماءُ
تنهنجا ڏک
منهنجي ڏُن ۾ داخل ٿي ويا
ناڙي جي رستي
جڏهن تنهنجي پيٽ ۾ هيس
منهنجي شاعر هجڻ جو راز به اهوئي آهي

اي ماءُ
مان تنهنجي غمن جو چهرو آهيان
*.*
11.2017

مان پلازا وانگر
فليٽن جي صورت ۾
هڪ ئي وقت
ڪيترن کي ئي ڪرائي تي ڏنل آهي
پر منهنجا سڀ مالڪاڻا حق
تو وٽ آهن
تون خوابن پکيءَ وانگر
منهنجي دُن ۾ آکيرو ناهيو آهي
مان پنهنجي خالص ڪير ۾
تنهنجي ڪنواري پاڻيءَ جي
ملاوٽ ڪيان ٿو
تنهنجون رانون ٻه بُرج آهن
وينس ديويءَ جي مندر جيان
تنهنجي ڇاتين جي وچ ۾
مان شير خوار خواب ڏسان ٿو
پنهنجي ئي هٿ مان
ڇانهن ۾ پوڙيندي
مان بسڪوٽ جيئن
تو ۾ ڪري پيو آهيان
تون ٻاڦ جي صورت ۾
منهنجي ساهن کڻڻ سان
وات مان نڪري رهي آهين
او هن دنيا جي ديوي
جنت تہ تنهنجو پاڇو آهي.
*.*
5.2017

تارخون مدي خارج دوائن
۽ ڪريل گهڙالن جا ڍير آهن
اسان جو اڄ
ڪالهہ گذري چڪو آهي
ماضي ٿي اسا ن جو مستقبل ٻڌجي چُڪو آ
اسان موت وٽ مسواڙي آهيون
اسان وٽ ڪوتو وقت آهي
جيڪو ڪٿي ڪپي ٿي نٿو
ان ڪري اسان خريد ڪرڻ کان معذور آهيون
خدا بہ اسان کي پالينٽو سگهي
بدقسمتي بہ اسان جو ساٿ ڇڏي وئي آ
اسان زندگيءَ کي پاراتو آهيون
جيڪا بہ اک اسان کي ڏسي ٿي
اها سڙي ٿي پئي
ٻُک کي بہ اسان مان پوءِ ٿو ٿئي
تہ مٿان اسان ان کي بہ کائي نہ وجون
اسان اهي لاوارث آهيون
جيڪي پنهنجي پاڻ جي وارث هجڻ جي
ڇڙي دعوي بہ نٿا ڪري سگهون
اسان جي ملڪ جو منظر ناموڪو اسان کان مختف ناهي
وڻ اداس روح آهن
جن ۾ ويرانيءَ جا جِن
واسو ڪري وينا آهن
انسانن جون دليون
اٿن جي پاچولن جيان رڙنديون ٿيون وجن
اکين جي قاتل ٻورين مان
ڳوڙهن جو ان وهندو تو رهي
پئي پئي خواب گُسا ٿي ويا آهن
آسمان مٿان سينور چڙهي ويو آهي
ڪيئن وسن
ڪڪر بہ زنگجي ويا آهن
ستارن کي بہ ڏندن جيان

ماڪوڙي ڪائي ويئي آهي
چنڊ جي بدن تي ڦُرڙيون نڪري پيون آهن
سج کي اڌرنگو ٿي پيو آهي
ماڪيءَ مکيون شگر جون مريض ٿي پيون آهن
پاڻيءَ جا مجسما
صحرا ۾ جلا وطن ڪيا ويا آهن
ان کان وڌيڪ ڪهڙي ڪنورتا ٿي سگهي ٿي جو
قوڪڻ مان قُتل ٻارن کي
معاشرو ڦاڙي ڇڏي ٿو
۽ انهن جا جيڪي والدين نہ ٿي سگهيا
انهن جي عزت بچي وڃي ٿي
مهاڻا ڀيڙيون ڪپائي
اُت خريد ڪري رهيا آهن
وقت چرياڻپ جي رفتار سان اگتي پوئتي ڊوڙي رهيو آهي
دل جي ديوار تي
وهمي ڪِرڙيون چنبڙي پيون آهن
ڪرائي جي ملڪ ۾
خيراتي قوم رهي ٿي
آدم خور نقابن
ٻڪايل ٻگهڙن وانگر
انساني چهرن تي حملو ڪري ڏنو آهي
پاڇا جسمن کي چيرن ڦاڙن ٿا
جيئري جسمن سان
مڙدن جي مهمانوازي ڪئي وڃي ٿي
تلوارن جي طوفان ۾
وڻ منش ڪٽان ٻچندا
هر ڪنهن وٽ قانوني جواز آهي
تہ اهو ٻئي کي ماري سگهي ٿو
هر ڪنهن وٽ آسماني اجازت نامو آهي
تہ اڳليو واجب القتل آ
*.*
6.2017

مان ارادو ڪيو تہ ٻُت پيجي چڙيان
ان ڪري
مان انهن ۾ ساهہ ڦوڪي ڇڏيو
مان ڪعبي تان غلاف لاٿو
تہ تون عُريان ٿي پئين ٴ
مان توتي غورفڪر ڪري
مراقبي جو بنياد وڌو
۽ ٻُڌ کي وند ملیو
مان تنهنجي رضا خاطر
توکي ئي قربان ڪيو
تہ پاڻ سان پرچي پيس
۽ مان خودي پاتو

جيئن تون ماپي سگهين
ان ڪري مان
ڪائنات منجهان ئي ڪري ويس
تو منجهہ گهڙي ويس
*.*
6.2017

ڪڏهن بہ مطمئن نٿو ٿئين
تون مون کي ورائي خلقيندو رهين ٿو
۽ انسانن جي آبادي وڌندي وڃي ٿي
مان بہ تو  وانگر تو منجهان
ڪڏهن مطمئن ئي نٿو ٿيان
۽ توکي نئين سر گهڙيندو رهان ٿو
۽ خدائن جو شمار
شمار کان وڌندو وڃي ٿو
ڏس تہ سهي
هي اوائلي آڳاتا
هي نت نوان مذهب
ڏس تہ سهي
هي  قديم ترين
هي جديد تر خدا ديوتا.
*.*
6.2017

مان جڏهن خواب مان جاڳيس
تہ تون وهاڻي ۾ تبديل ٿي  وئين ءَ
ءِ ٻيڙي ڪٺ جو روپ ڌاري وئي
ڪڪر منهنجي مٿان چادر بڻجي ڪريو
ءِ سمنڊ وچي ٽانڪيءَ ۾ لڪو
مان  پنهنجي لڱن تان
غسلخاني ۾ وچي نند جي نيراڻ ڌوئي
بد تي صابڻ ملڻ مهل
تنهنجي معصوم هٿن جا
ظالم ڇُهاوَ ياد آيا
وسري ويا هئا جيڪي
دل جا گهاوَ ياد آيا
راتوڪا پاتل ڪپڙا
جنهن تي خوابن جا گهنج
ءِ ازلي اسرار جي
پرده بڪارت جو رت لڳل هئو
ڌوئڻ لاءِ شاعريءَ کي ڏنم
ءِمان ڏينهن کي ڏورڻ لاءِ نڪري ويس
او وينگس خوابن منجهہ ٿي سهي
جنهن رات تون مون سان گڏ هوندي آهين
هزارين اندلنون اروڙا روشنيءَ جي صورت ۾
آڪاس تي ايري ايندڻيون آهن
ائين لڳندو آهي منهنجي ياڪر مان باک ڦٽي رهي آهي
ءِ تون سونهري صبح جيان
مون کي روشن ڪري ڇڏيندي آهين.
❊.❊
6.2017

جن اسان جي واتن ۾ واري ڳُڏي آهي
۽ اسان جا پيٽ بجريءَ سان ڀريندا رهن ٿا
اهي مانيءَ کي بہ ٽشو پيپر وانگر استعمال ڪن ٿا
اهي پنهنجون ڳُيون بہ ڈالر سان اُگهندا آهن
اسان سڄي عمر پنهنجي قبرن جون قسطيون چڪايون آهن
مرڻ ڪانپوءِ ڪو حرام خور
انهن تي بہ قبضو ڪري وٺندو
ماڻهن جي ہوٺن تي ٺپال جون ٽڪليون چنبڙايل آهن
انهن کي جنگ جي پٽي تي
پوسٽ ڪيو ويو آهي
يزيد جي ياد ۾
رت جون سبيلون
۽ انساني گوشت ۾ رڌل برِيانيون
خيرات ڪيو پيون وڃن
زرتشت جو جسم باهہ ۾ سڙي ٿو
گوتم جو گيان ٽُٽي پيو آ
مسيح کي صليب تان لاهي
سنگسار ڪندا شايد
قرآن مان رتر ٽِمي ٿو
آدم جي ڪنيل قرض جو
سموري انسان ذات
وياج لاهي رهي آهي.
*.*
7.20170

هن ڪي مون سان ايترو پيار هيو
جو سائنائيڊ جو زهر پريو ڪيپسول
فرينچ ڪس ڪندي
پنهنجي وات منجهان زبان سان گڏ
منهنجي وات ۾ داخل ڪيائين
هن مون کي ايتري عزت بخشي
جو گلن جو هار پائي ان سان گهُٽو ڏنائين
هن جون ٻانهون منهنجيءَ ڳچيءَ ۾ هيون
۽ مان بي ساهو ٿي ڇاتيءَ تي ڪريس
*.*

مان هڪ جل پريءَ جي عشق منجهه
صحرا کي سمنڊ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو
۽ انهيءَ سمنڊ ۾ خودڪشي ڪري
هڪ جابلو ٻيٽ ٻڻجي ويس
هاڻي ان جل پريءَ کي
منهنجي پٿرايل جسم کان سواءِ
ڪٿي به آرام ناهي ايندو
*.*

وري ڪنج وقت کي پار ڪري اچ
زندگي ۽ موت کان آجو ٿي
پيدا ٿيڻ بند ڪر
شين مان نڪر پاڻ ۾ داخل ٿي
مدارن ۾ ڀٽڪڻ بند ڪر
مرڪز ۾ ٽانيڪو ٿيءُ
لُڙاتجي ويو آهين پاڻيءَ وانگي
پاڻ کي آترجڻ ڏي
اُڀرڻ ڇڏ
ڀڙڪي ڀڙڪي ساڙو ٿي پيو آهين
هِنَ هُنَ کي ڪڙڪائڻ ڇڏ
ڪير ڪونہ ڪُلندئي
جهڙو آهين
تهڙو قبول ڪر پاڻ کي
تو کان سواءِ پيو ڪير ڪونهي
ٻيائيءَ کي ٻن ڏي
اوپرائپ جو انت آڻ
مخلوق سراب آهي
هي سڀ عڪس ۽ پڙاڏا آهن
هِنَ هُنَ کي هٽاءِ
هوءَ جي هڙ ڪول
پنهنجي آڏو پري ٿي
هاڻي ڏس هي ڪير بيٺو آ
چُپِ
متان ڳُڇيو آهين
.*.*
23.4.2019

چو نہ ٿي سمجھين
هٿ تان هيٺ لھُہ
هيءَ ڪار توکي وڏ ۾ وڏ
هڪ شهر کان ٻئي شهر گھمائي ايندي
هي جهاز توکي وڏ ۾ وڏ
هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ چڪر ڏياري ايندو
هيءَ اسپيس چٽل توکي وڏ وڏ
چنڊ تائين ڪٽي ويندي
گهڻو چيهہ مريخ تائين
جي توکي سياحت جو
ايترو شوق آهي تہ
تون منهنجي دل ۾ چڙهي ويهہ
اها توکي ڪائنات گھمائي ايندي
خدا سان بہ ملائي ايندي
*.*

ڏيمي سُرَ وانگي
سج ايرڻ لڳو
هوا وڻن جي جسمن تي
هٿ ڦيرڻ لڳي آهستي
ڏاندين مٿان مڪڙيون
صبح جو ٻارڙن وانگي
رلهين مان منهن ڪيڍڻ لڳيون
زبانون ۾ چپ هڪ ٻئي سان ڪيڏڻ لڳا
هٿن جو ناچ ٿيو شروع
پير پَرَن جيان ڦڙڦڙائڻ لڳا
اسڪولن اک کولي
آفيسن آرس ڀڳا
دڪانن جا وات پٽجي ويا
برف جيئَ رجڻ شروع ٿيا مزدور
۽ مان
رات کي ٻيڙي ۾ سوار ڪري
سمنڊ جي ڪناري کان ٿيندو
ريلوي اسٽيشن کان ڦرندو
سج کي وٺي
گهر موٽڻ لڳس
رستن کان موڪلائيندي.
*.*

**مان تنهنجي**

نيڻ ڪي ڪچلا سر ۾ پڏي
سچو سرمئي تي ويو آهيان
۽ عورتون مونکي ڪرشن ڪنيو سمجهي
گوپين جيان وڪوڙي ويون آهن
او منهنجي راڌا جهڙي جانان!
تنهنجي پريم جو
اهو قل مليو اٿم جو
جيڪا بہ ڪنواري مون کي ڏسي ٿي
اها ميران وانگي
موهت ٿي مون کي
مستان بڻجي ٿي وڃي.
٭.٭
3.2017

هوءَ مونکي ايئن ڇڏي وئي
جيئن ڪوڙ ڪي ڇانگهي
ان جي ڇانو وڃي وجي

هوءَ مون کي ائين ڇڏي وئي
جيئن جنگ پوئتي ڪنڌر شهر
تباهي بک افلاس بيماريون
۽ بيواهون ڇڏي ويندي آهي

هوءَ مونکي ائين ڇڏي وئي
جيئن جان بچائڻ خاطر
ماڻهو پنهنجو وطن ڇڏي ويندا آهن

هوءَ مون کي ائين ڇڏي وئي
جيئن ڪا ماءُ ٻار ڄڻيندي مري وڃي.
❊.❊

جڏهن منهنجو ڪيسو
يونيورسٽيءَ جي
خالي ڪلاس جهڙو هوندو آهي
تڏهن به
ادبي لونجهه مارڻ خاطر
مان ڪتابن جي دڪانن تي
چاٽي بازي ڪرڻ
ضرور ويندو آهيان
ڪتاب به ته ڇوڪرين جهڙا آهن
ڪتاب به ماءُن وانگي لڳندا آهن.

*.*

مان هڪ مثل عورت سان پيار ڪيان ٿو
جيڪا ڪنهن ٻئي جهان ۾ زنده آهي
ماهن جي روح کي
ڳوڙهن جا ميوا
آهُن جا درود
يادن جي قرآن جا ختما
بخشيندو رهان ٿو
مون کي ٻه زندگيءَ تان رتائر ٿئي
وڏو عرصو گذري چڪو آهي
منهنجي پينشن هاڻي منهنجي زال
شاعري وٺندي آهي.
*.*

مان دنيا جهان جي
سموري شاعري سميٽي
ان منجهان هڪ عورت تخليق ڪئي آهي
جنهن جي بدلي ۾ خدا
مون کي سموري ڪائنات ڏيڻ لاءِ راضي آهي
۽ اُتر ۾ پاڻ به ٿو آچي
هاڻي مان ان جوسودو ڪيان يانه ڪيان
پنهي صورتن ۾
دنيا جهان جي
سموري شاعريءَ مان جڙيل
اها عورت
ڪائنات ۽ خدا منهنجا ئي آهن.
*.*

وراٽي لکيل نظم
(الف)

هڪ ڇوڪري پنهنجي ماهواريءَ جو رت
سوڪهڙي جي ماريل وڻ کي
عطيي طور ڏئي وئي
هاڻي ان وڻ جي ٽارين ۾
پنن بدران عورتاڻا عضوا
۽ ميون بدران اُبهم ٻار ڦٽن ٿا

(ب)
هڪ ڇوڪري پنهنجي ماهواريءَ جو رت
سوڪهڙي جي ماريل وڻ کي
عطيي طور ڏئي وئي

هاڻي ان وڻ جي ڇانوَ ۾ جيڪو ٻه ويهي ٿو
يا ميوو ٿو کائي
اهو عشق ۾ مبتلا ٿي ٿو وڃي.
*.*

منهنجي اگهاڙي سيني تي کليل ڪتاب پيو آهي
يا تون هر غلاف کان آجي
منهنجي بغل ۾ گلاب ٽڙيو آ
يا تون مسڪرائي رهي آهين
صبح جا پکي راتجي اوندهه چُڳي ويا آهن
خواب پنهنجا ڪپڙا پيا ڳولهن
وقت نٿو ٻڌائي
گهڙيال اوباسيون ڏيڻ ۾ پورو آ
خماريل جاڳ مان اٿڻ تي
منهنجي ٻه دل نٿي چاهي
هن مدهوشيءَ واري ڪيفيت کي
گهٽ ۾ گهٽ سُستي ته نٿو چئي سگهجي
تنهنجا وکريل وار موسم جو احوال پيا ٻڌائن
چمي ڪافيءَ جي ٻاڙ ماري ڇڏي تي
لفظ اسان جي رومانوي خاموشيءَ ۾ خلل نٿا وجهڻ چاهن
خواهشن جي ڇڪتاڻ کان بغير
پاڻ نرواڻ جي انهيءَ حالت ۾ ليٽيا پيا آهيون
جو ڪيترائي گوتم ٻڌ ان مان لاڀ پرائي سگهن ٿا.
*.*

هن اجان تائين پاڻ کي
عورت طور
قبول ئي ناهي ڪيو
شعوري يا لاشعوري طور تي
هوءَ عورت هجڻ کي ڪمتر ئي سمجهي ٿي
ڇر ظلم اهو آهي
عورتن جي نمائندا اڳواڻ لڳي وينتي آهي
هيءَ انارڪست عورتازد وادي
ڳالهه برابريءَ جي ڪري ٿي
پر چاهي ٿي تہ عورتون مردن کي لتاڙي مارن
ڪنهن بہ مقام تي
پنهي جي گڏ هلڻ جي حامي ناهي
دراصل
هوءَ مرد کي ماري
پاڻ مرد ٿيڻ ٿي چاهي
پر عورت نہ
ٻين عورتن لاءِ بہ اهو ئي ٿي چاهي
ڇوجو هن جي اندر ۾
مرد ٿيڻ جو جنون
نانگ جيان ڪر ڪنيون وينو آهي
هن کي هر عورتاٽي شيءِ
عمل ۽ ورتاءَ کان ائين وحشت ٿيندي آهي
جيئن برهمڻ کي شودر کان
پنهنجي انا کي تسڪين ڏيڻ خاطر
احساس ڪمتري منجهان
مونث مان مذڪر بڻجي
مردن وانگر ٿي ڳالهائي
پر مردن کان الرجڪ آهي
مردن کي انهن جا حق نٿي ڏيڻ چاهي
پر عورتن جي حقن لاءِ وڏيون دانهون ٿي ڪري
هوءَ پنهنجي هر ڪمي ڪوتاهيءَ کي
عورت جي آڙ ۾

ڍڪي ڇڏيندي آ
۽ هر ڳالهہ ۾ هوءَ
عورت ڪارڊ کي استعمال ڪندي آهي
عورت هجڻ جو ناجائز فائدو وٺڻ
هوءَ پنهنجو پيدائشي حق سمجهندي آهي
هن جي نظر ۾ مرد بي ڏوهي ٿي نٿو سهي
۽ عورت غلطي ۾ بہ غلطي ڪري نٿي سگهي
پر حيرت انهيءَ تي اٿم
تہ خود مرد ٿيڻ جي چڪر ۾
هوءَ پاڻ ۾ موجود عورت تي
هر گهڙي تشدد ڪندي رهي ٿي
بخيل مڙس وانگر
پنهنجي اندر ۾ موجود عورت کي
بنيادي حقن کان رکي ٿي محروم
شادي نٿي ٿيڻ ڏي ان جي
جاگيردارن وانگر
ان کي در نٿي ٽپڻ ڏئي
ڪنهن مرد سان ان کي برداشت نٿي ڪري
پر عورتن جي پردي خلاف آهي
۽ ڪارو ڪاريءَ جي خلاف وتي ٿي ڏاڍ گهوڙا ڪندي
هر جڳهہ تي گُهر ٿي ڪري
تہ عورتن جي لاءِ خاص مراعتون هجن
اهليت جي لتاڙ ڪري بہ
مخصوص سيٽون رکيون وڃن
عورتن کي الڳ انعام اڪرام ڏنا وڃن
اتي برابري وساري ٿي ويهي
هوءَ ٻاهرئين مرد سان نہ
پر پنهنجي اندر جي عورت سان ٿي وڙهي
ويچاريءَ کي سڀني انساني حقن کان محروم ٿي رکي
هوءَ نڪي مرد ٿي سگهي آهي
نڪي هن کان مرد ٿا برداشت ٿين
نڪي عورت کي عورت ٿين ٿي ڏي ٿي ٻيهي
هوءَ مرد فوبيا جو شڪار

چاهي ٿي تہ آئينده لئہ عورتون
ٽيسٽ ٽيوب ذريعي ڄارڄڻن
۽ ڏبي واري ڪير تي پالن
هيءَ جڙ تہ چاهي ٿي
عورتن جو نسل ئي ناياب ٿي وڃي
مون کي اهو بہ خدشو آهي تہ
متان هن
پنهنجي اندر واري عورت کي
ڪاري ڪري ماري نہ ڇڏيو هجي
اهي بہ قوي امڪان آهن تہ متان مستقبل ۾
پلاسٽڪ سرجريءَ جي ذريعي
جنس مٽائي
پلاسٽڪ جو گُڏو بڻجي وڃي
*.*

منهنجون خوشيون
ناني جي ڪوٽ ۾ پيون هونديون
ڀَن جي ٻيڙين سان گڏ
منهنجو ننڍپڻ
نانو سائيڪل تي اڳيان وهاري
گهمائڻ وٺي ويو آهي
ڪنهن اڏٽي شهر
مان بسڪوٽن وانگر برنيءَ ۾
پنهنجوا ڪيون ڏسي رهيو آهيان
مان ڪنائي رهيو آهيان
تہ منهنجو نانو ڇاڻ آيو
سائيڪل جي گهنٽي وڄائيندو
*.*

مان ڪٿي بہ هجان
تنهنجي محبت
مون کي بوريت وانگر
ورائي ٿي وجي
بيماريءَ جهڙي بي آراميءَ جيان
تون ڪٿي بہ سڪون سان
ويهڻ نٿي ڏين
انهيءَ سڀ جي باوجود بہ
مان توکي ائين سوچيندو آهيان
جئين ماڻهو مزي مزي سان
ڪن کوٽيندا آهن
ويٺي ويٺي
مان ائين تو سان گڏ گذارڻ جا پهہ پچائيندو آهيان
جيئن ماڻهو پنهنجي ڏُن ۾
نَهَہ صاف ڪندا آهن
۽ پنهنجي وچ ۾ آيل رڪاوٽن کي

*.*

هٿائڻ جون ٽلون ائين سوچيندو آهيان
جيئن ٻيا پتين تان رنگ ڪرڙيندا آهن
يا پوسٽر ڦاڙيندا آهن
يا زمين تي آڱرين سان
ليڪا پائيندا آهن
الائي ڇو
تون چڙ وانگر منهنجي
حواسن مٿان چڙهي ويندي آهي
مان ڪاوڙ وانگي توسان پيار ڪندو آهيان
بنا ڪنهن مهل موقعي ڏسڻ جي
مان تنهنجو ذڪر ڪندي
وڦلڻ لڳندو آهيان
دل ۾ پيدا ٿيل وسوسن کي
آڱرين مان ننڪاوَ ڪيڻ وانگر
مروٽيندو ويندو آهيان
تنهنجي اوسيئڙي ۾
راتيون اوٻاسيون ڏيندي ڪٽيون آهن
۽ ڏينهن ديوانگيءَ جي حالت ۾ گذاريا اٿم
مان ڪٿي ٻه هجان
تنهنجي محبت
مون کي بوريت وانگر
ورائي ٿي وڃي.
*.*

سيءُ بانبڙا پائيندو ٿو اچي
شام
لڙڪ جي
دلفريب مرڪ لڳي رهي آهي
مينديءَ جا ٻوٽا
ڪنوارن هٿن جا
خواب ڏسي رهيا آهن
هي ساريون آهن
يا وان گوگ جي تصويرن جو فصل
ٽريڪٽر لوهاڻا ڏاند آهن
پيا وهن هر اچي رهيو آهي
ٻنيون ڪٽڪ لاءِ ائين تيار پيون ٿين
جيئن ڪنوارين کي ونواهه ۾ تيار ڪيو آهي
ڦُٽين جي چونڊي تان موٽندڙ
ٿڪل عورتون
منهنجي مسڪين ملڪ جي
حال وانگر هلنديون ٿيون اچن
ڪنهن جي مٿي تي
گاهه جي ڀري آهي
ڪنهن کي ڪاٺيون
ڪا ڪڇ تي ٻار کنيون پئي اچي
ساوا مرچ پچي
حسينائن جي ڳاڙهن چپن وانگر
ٿي ويا آهن
ڪجيون بهار جو
پنهنجي محبوب جيان انتظار ڪري رهيون آهن
جيڪو اچي هنن جي ڪُک سائي ڪندو
چنڊول پکي ۽ ابابيل اڏامڪ ناچ ۾ مشغول آهن
پرڏيهي پکي ڍنڍ تي
سُرهي سانجهه پيا ملهائن
۽ پجري ۾ واڙيل
تتر جي ٻولي

غلاميءَ خلاف
منگل پانڊي واري
رڙ لڳي رهي آهي
سج مٿان پارو پوندو ٿو وڃي
نومبر جي مهيني کي
ڪوهيڙي جا تهه
ويڙهيندا ٿا وڃن
۽ ڪچي رستي تان
تيز ڊوڙيندڙ گاڏي
شام کي ڏُنڌڙسان پري ٿي وڃي.
*.*
11.2015

اسان جي
هن ڪجهه واري ملڪ ۾
ريشمي ڌرتيءَ تي
وونئڻ جي پوک جهڙي قوم مٿان
جڏهن گورا
سفيد مکين وانگر
حملہ آور ٿيا
تہ غلاميءَ واري سوڪهڙي ۾ ساڙي
ڪارو ڪري ڇڏيائون
جڏهن پنهنجو ٻيپ پرين
تہ پنهنجن
ڪارن پاڇن جي حوالي ڪري ويا
جيڪي اسان جي جبلن کي
سُري وانگر لڳا
اسان جي درياهن کي
ڍيمن جا ڍيڍجن ٻڌجي
ڏوگهڻ لڳا
۽ سمنڊ کي
واريا سي ويا وانگر وڪوڙي ويا
مذهبي هٿيارن جي زور تي
اسان کي يرغمال ڪري
ديس ۾ پرديسي بڻائي
سِمَ وانگي اسان جي زمينن تي قبضو ڪندا ويا
اهي ڪاري ڪلر وانگي
اسان جي تاريخي ماڳن کي کائڻ ۾ مشغول آهن
اهي ڪوئن وانگي
اسان جي ثقافتي ورثي کي
ڪتريندا ٿا وڃن
اهي ڪتارا انجٽين جهڙا
بہ ٽنگا سماجي جناور

تيل سميت
اسان جو رت ست
۽ ساھ بہ چوسي رهيا آهن

انهن ڪارن پاڇن مان
نجات حاصل ڪرڻ جو
اهوئي طريقو آهي تہ
اسان مان هر هڪ
سج بڻجي وڃي.
*.*

منهنجو دماغ
هڪ تجربيگاهہ کان ٻي تجربيگاهہ
منتقل ٿيندو رهي ٿو
حسينائون منهنجي دل
هڪ ٻئي کي سوکڙي ڪري
ڏينديون رهن ٿيون
۽ باقي منهنجو مڙهہ
هڪ تابوت ۾ آهي
جيئن ڪنهن سوٽ ڪيس ۾ سفر جو سامان
منهنجو مڙهہ ان تابوت ۾ ستي پئي سفر ڪري ٿو
هڪ هوائي اڏي کان ٻئي هوائي  اڏي تائين
هڪ اسٽيشن کان ٻئي اسٽيشن ڏانهن
هڪ بندرگاهہ کان ٻئي بندرگاهہ طرف
هڪ گاڏيءَ مان لهي ٿو ٻي گاڏي ۾ چڙهي
مان اهو مئل مسافر آهيان
جنهن جو سفر کُٽي ئي نٿو.
*.*

شهر هڪ وڏو بورچيخانو آهي
جنهن ۾ تون ڪُنيءَ وانگر رهين ٿو
هميشه چرڪيل ڊڪندي لڪندي
پر خوش آهين
تون پنهنجي اندر جي پيٽ تي
ڪِرڙي وانگر چنبڙيل رهين ٿي
ميڪ اپ تنهنجي جسم مٿان هڪ ٻيو جسم آهي
تنهنجي ڇاتي به ٿوهي اُٺ جي پني آهي
رستي جي وٽ سان ڦُٽل اي شهري ڇوڪري
تنهنجي خوابن واري شهزادي جي چمڙي
نون وٽن واننگر ڪٽڪائي ۽ رنگين آهي
جنهن کي پيرن بدران ڦيٿا آهن
هو تنهنجو پرس داتا آهي
جنهن جي ٻٽونءَ ما تون نڪرين ئي نٿو
پيزا تنهنجو سچ ۽ برگر چنڊ آهي
تون اها مڇي آهين
جيڪا کي ايف سي جي ڪُنڊيءَ ۾ ڦاسي ٿي
تون ڪاڪروچ ڪلچر کان متاثر
هائبرڊ نسل منجهان آهين
تنهنجي دل ٿري ڊي پرنٽر جي ذريعي تيار ٿيل آ
تنهنجي دماغ ۾ سرمائيدار وائرس جيان واسو ڪري ويو آهي
تنهنجا سڀ فطري سافٽ ويئر ڪرپٽ ٿي چُڪا آهن
جي اجا به پنهنجي بقا چاهين ٿي ته
ٻولي ۽ مٽيءَ ڏانهن موٽ ڪاءُ
ثقافتي فضا ۾ وڏا وڏا ساهه کڻ
وڃ پنهنجي ماءُ کان پُڇُ
ان تنهنجو ناڙو ڪٽي پوريو آهي
پنهنجي نُنڊپڻ کي کوٽي ڪيڏ.
*.*

تون اها عورت آهين
جنهن کي ياد نٿو ڪيو وڃي
مان اهو گذريل زمانو آهيان
جنهن جي ڪابہ ثابتي ناهي
تون مون کي نٿي ڳولهي سگهين
مان تو تائين نٿو پهچي سگهان
پنهنجي وچ ۾ ويڳاڻپ ۽ اداسيءَ وارو رشتو آهي
تنهنجي اندر ۾ اڻ ڏٺي جي تمنا مان آهيان
منهنجي من ۾ نہ بيان ٿيڻ وارو جذبو تون آهين
تون حيرت آهين
مان حسرت آهيان
پنهنجو رشتو شڪ مان جنم وٺي ٿو
وهم اهو مصور آهي جيڪو مون کي چٽي ٿو
وهم اهو سنگتراش آهي جيڪو توکي پيو تراشي
لا حاصل تنهنجي هجڻ جو ثبوت
فنا منهنجي ثابتي آهي
تون بهار جو جوڀن آهين
مان پن ڇڻ جي انتها آهيان
پنهنجي وچ ۾ پرهہ ڦٽي ۽ شام جو هجڻ لازمي آهي
جيئن اسان ڳنڍيل رهون
پنهنجي وچ ۾ شاعري ساهہ کڻي رهي آهي
ڏُک اسان جا خال پري ٿو
صبر ۽ ثابت قدمي عشق جي تڪميل ڪن ٿا
پر پاڻ تہ ٻئي فرضي ڳوڙها آهيون
اسان کي تخيل جي اکين رُنو آهي
تون جنهن چپ تي تِرُ آهين
مان اُن جا گهنج آهيان
ازلي مسڪراهٽ جو نور
اسان ٻنهي کي روشن ڪري ٿو
تنهنجي حقيقت لهرون
تون جنت کي لوڏي وجهندڙ
چميءَ جي آواز وانگر آهين مَدُرُ

مان گرم ساهه وانگر آهيان زندگيءَ پريو
تون عقيدو آهين
هر دفعي نئون
مان نظريو آهيان
سدائين رد ٿيندو تو رهان.
*.*
4.12.2018

مان اهو ٽيڙ وارو قاتل آهيان
جنهن کي پنهنجي ٽيڙ واري مقتول سان
شديد همدردي ٿي پئي آهي
پر مون کي نٿو لڳي ته ڪو مان
تڏهن به پنهنجي سفاڪيءَ کان مڙندس
۽ توکي به اها پڪ آهي
پر تون به ڪا حد درجي جي ڪل ٽڙيل آهين
جا پنهنجي ٽيڙ واري قاتل کي
پنهنجي قتل ڪرڻ لاءِ مسلسل اُڪسائي رهي آهين
اجا به ڪٽي ائين چئجي مجبور پئي ڪرين
اهو ڪهڙو پاڳلپڻو آهي
جو فرضي نالي سان هڪ فرضي ماڻهو
توکي ڪوڙي قسم عيوض خريد ڪرڻ ٿو چاهي
۽ تون ڄاڻندي به زنجيرن جي عيوض پنهنجو بدن
۽ دوکي عيوض پنهنجي روح جو سودو ڪرڻ لاءِ اُتاولي آهن.

*.*

2.2019

ماڻهوءَ تائين پهچندي
هر شيءِ لفظ ٿي ويندي آهي
ذائقو ٿي پوندي آهي
عڪس بڻجي ويندي آهي
جسم جيو گهرٽن جو
۽ روح جذباتي گهرٽن جو جڙيل هجي ٿو
شايد توکي اها خبر نہ هجي تہ
جنس ڪان بہ ڪا مٿاهين شيءِ آهي
جنهن مون کي تنهنجي عشق ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي
منهنجي مرد هجڻ جو باعث تون آهين
تنهنجي حسن مون کي انسان ٿيڻ ۾ وڏي مدد ڪئي آهي.
❊.❊
1.2019

بقا سفر ۾ آهي
سفر ارتقا آهي
ارتقا منتقليءَ جو نالو آهي
اهو هڪ گهيرو آهي
انهيءَ جي وچ ۾ زندگي آهي
جيڪا انهيءَ محاصري کي ٽوڙيندي
وسيع ڪندي ويجي ٿي
پر هي سڀ ڪجهه ٽوڪي چو پيو ٻڌايان
دراصلمنهنجي بقا جو سوا آهي
جيڪو مان پنهنجي زندگيءَ آڏو
سڌو سنئون نٿو ڪري سگهان.
*.*
12019

.
ڇا پوپٽ جڏهن گلن جي مٿان ويهندو آهي
ته انهن کان اجازت وٺي پوءِ ويهندو آهي
ڇا جڏهن پيئنورو گلن جي رس چوسيندو آ
ته ان وٽ ڪو اجازت نامو هوندو آهي
جنهن تي هوا
روشني ۽ گلن جون صحيحون ٿيل هجن
ٻوڙنديون اڇي پاڪر نه پايو مون کي
ڇا ڪنهن ڪناري ڪڏهن ڇولين کي جهليو آهي
سو اي محترمه معاف ڪجان
ٿڪل هيس ڏاڍو
بنان اجازت
مان به اچي ويهي رهيس
خالي ڪرسيءَ جيئن تون پٺي هُئين؛
شاهراهه زندگيءَ جي پاسي
مان پٽڪيل سامونڊي جهاز هئس
جيڪو ڪنهن پيٽ جي ڳولا ۾ هيو
توکي ڏسي ائين لڳو ڄڻ ڪتاب کُليو پيو آهي
پر پڙهڻ وارو ڪونه آ
تنهنجي ئي مطاعي ڪرڻ مان خبر پئي
ته ”اڪيلو رهي رهي ماڻهو
خلائي مخلوق بڻجي ويندو آهي“
تنهنجيملڻ کانپوءِ لڳو
مان ڌرتيءَ تي لٿو آهيان
پهريون دفعو ڪٽڪ ڪاڏي اٿم
ڪافي پيئتي ۽ سگار ڇڪيو آهي
تنهنجي ڪري مون ۾
فضيلت پريو هڪ وڏو بدلاءُ آيو آهي
سو محترمه!
مون کي انسانيت جي ڪاتي ۾ داخل ڪرڻ لاءِ مهرباني.
*.*
2.2017

مان پنهنجي جواني کپائي
تو تائين ڪرائو ڪري پهتو آهيان
اکين سان پٽر پڏي
دل کي مُٺيون ڏئي
وڇوڙي جا ڏينهن
محبت جي مفلسي ۾ ڪاٽيا اٿم
توڏانهن خط پٽ لکندي
مس طور وارن جي ڪاراڻ استعمال ڪندي
سڄو مٿو اڇو ڪري ڇڏيو
تون بہ انگورن واري عمر ان ٽپي
هاڻي ڪشمش بڻجي ويو آهيان
مان بہ رسيل ڳاڙهي ڏوڪي مان ڦري
ڇوهارو بڻجي ويو آهيان
سچ تہ هاڻي
تازي تواني ناريل مان ڦري
ڏونگهي واري ڏک پيو ڏيان
پر عشق واري ٻتيهي سلامت آهي اڃا
حسرتن جوهڪ بہ ڏند ناهي ڀڳو
اڃا بہ دشمن جي ٻنيءَ مان
پئي ڪمند ڇهلي چٻاڙي ڪائي سگهان تو
بنا چمند جي قداور ڪجين تي چڙهي سگهان تو
ٻڌو اٿم تہ تون پوڙهائپ جي اڪيلائپ جي ڪان ڊنل آهيون ڏاڍا
ويجهو اچ تہ ما توکي پنهنجي اڇي ڏاڙهيءَ ۾ لڪايان
سانجهي اچي سهڙي آهي
مون کي بہ واهيري جي ضرورت آ
مان اهو اڏامندڙ جهاز آهيان
جنهن کي ڪوبہ ملڪ پنهنجي سرحدن جي اندر
ليڊنگ جي اجازت نٿو ڏئي
زندگيءَ جو فيول ڪنهن مهل بہ ختم ٿي سگهي ٿو
دل جي دربدريءَ نستو ڪري وڌو آ

پيري اڇي پهتي آهي
مون مٿان پابنديون لاهه پنهنجون پاليسيون تبديل ڪري
چميءَ جو ٽپ هڻي مون کي
پريت جو پاسپورٽ عطا ڪر
مون لئه ٻانهن جي سرحد کول
هڪ پناهگير سمجهي ته
پر پتي پرميشور وانگر هميشه لاءِ
مونکي پنهنجي شاديءَ جي شهريت ڏي
مان پنهنجي سموري زندگي
وطن ۽ عورت جي ڳولها ۾ گذاري آهي.

*.*

3.2017

زندگيءَ جي مساوات حل ڪرڻ لاءِ
مان هڪ فرضي عورت کي
جوانيءَ سان جوڙ ڪيو
تہ جواب وري بہ اڪيلائي آيو
هن ڪهڪشان ۾
مان اهو گره آهيان
جنهن کي پنهنجو ڪوبہ چنڊ ناهي
مان ڪنهن ڏانهن موٽ ڪاوان
اڙي مون کي تہ پنهنجو ماضي بہ ڪونهي
افسوس
جو توکي بہ پنهنجو نٿو چئي سگهان
مان مسواڙي گهر ۾ ڄايو هيس
انڪري خانہ بدوش آهيان
مان جواني اُڌاري ڪتاب جيان وئي
هڪ رات ۾ ئي پڙهي گذاري
مان سڄي ڄمار
لچارين حسرتن ۾ گرفتار رهيس
مان هر ڏينهن پنهنجي ڇهري مٿان
ڏُکن جي ڏاڙهي ڪوڙي آهي
۽ محرومين کي شهپرن وانگر وٽ ڏنا آهن
غُربت جواهو عالم آهي
جو اڄ ڪلهہ
اُڌاري عشق تي گذاريو آ منهنجو
وڏو مسئلو اهو آهي
تہ مان خودڪشيءَ جهڙي عياشي بہ
افورڊ نٿو ڪري سگهان
انڪري ئي
پاروتڻ ۾ ٽيل شاديءَ وانگر
مان شاعريءَ سان نہ جيئڻ جهڙي
ازدواجي زندگي گذاري رهيو آهيان
*.*
9.2016

غلاميءَ جي غلاف ۾ ويڙهي منهنجي قوم
اهو باغي ڪتاب آهي جنهن تي
وقت جي خدائن بدش وجهي
ساڙائڻ جا حڪم ناما جار ڪيا آهن
هر اها شيءِ جيڪا انسان کي آجپوءِ عزت بخشي
اسان کان ڦُري وجي ٿي
هر قسم جي موتمار تجربن لاءِ
اسان کي ڪتب آندو وجي ٿو
جن مذهبي پيشوائن کي
اسان جي هدايت لاءِ مامور ڪيو ويو
اهي پنهنجين بڇڙين پيشانين سان
خدا کي ٽڪر هڻڻ جون وشون ڪري رهيا آهن
هٿن ۾ جهليل ڊگهين تسبيحن سان
معصومن کي گهٽا ڏين ٿا
جنت جي نالي چندو وٺي دوزخ تعمير پيا ڪن
قبرون هنن جا پاليل ڪتا آهن
مفت جي ناهي
هتي بُکَ جو ٻہ بل ادا ڪرڻو ٿو پوي
پابنديءَ سان غربت جو ٽيڪس
اسان جي هڏن مان چوسيو وجي ٿو
هتي سُڪل وٽن ۾ وات لڏن ٿا
پيٽ ڏندن سان پنڌ ڪن ٿا
پاڻي فضائن مخلوق تي ويو آ
زمينن ۾ پوکيل فصلن جون تصويرون بہ
سُڪي سڙي ويون آهن
حقيقت بڻجڻ جي ڪوشش ڪندڙ خواب
ڪنيجي وڃن ٿا
صدين جي غلاميءَ سبب منهنجي ديس ۾
آزاديءَ جي راهہ تڪيندڙ اکيون چنجهيون ٿي ويون آهن
پنهنجي غلام قوم جو سوچيندي
غيرت ۾

منهنجي هڏن جي سفيد مخ ۾
ڳاڙهي ٽي وجي ٿي
ڇو جو منهنجي کوپڙيءَ ۾
دماغ جي بدرام ڌرتي پريل آهي
گهبراءِ نہ اي سنڌ امڙ!
تنهنجو اگهاڙو مٿو منهنجي ڪَلَ ڍڪيندي
*.*
4.2018

خوابن مان جلا وطن ٿيل ڪي ٻ
خيالن ۾ پناهہ ناهي ملندي
انڪري مان تصويرن جي وادين ۾ ٻ
ڀٽڪندو وتان
منهنجي امڪانن جا ست ئي آسمان
ستارن  ڪان خالي ٿي چڪا آهن
منهنجي ڪنهن ٻ سڏ جو پڙاڏو پئدا نٿو ٿئي
مان خوشي ۽ غم ۾ فرق نٿو محسوس ڪري سگهان
تنهنجي مدار مان نيڪالي ملڻ ڪانپوءِ
ڌرتيءَ جيڪشش ثقل مون تي اثرانداز نٿي ٿئي
برسات ٻ توسان يڪجهتي خاطر
مونکي آلو ڪرڻ ڇڏي ڏنو آ
منهنجي ڪنهن ٻ عمل جو هاڻي
ڪو ردعمل پيدا نٿو ٿئي
خدا سان گڏوگڏ
شيطان ٻ مون کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آ
ايتري قدر جو منهنجي موجودگي
خود مون کي ٻ محسوس نٿي ٿئي
شايد  مان انڪري ٻ زماني کان نظر نٿو اچان
جو هاڻي روشني مون سان لڳي موٽ نٿي ڪائي
*.*
9.2016

مان بگھڙ آھيان
چنڊ جي اُگھڙ مون کي چريو ڪري ٿي وجھي
۽ مان ديوانگيءَ منجھان اوناڙيندي
ڌرتيءَ کي ڪوٽڻ ٿو لڳان
۽ آسمان کي چڪ پائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو
مان شاعر وحشي درندو آھيان
خدارا
منھنجي اڳيان پاڻ کي
تون وائکو نہ ڪندي ڪر
مان پنھنجو توازن وڃائي ويھندو آھيان
*.*

*.*
9.2016

تون معصوميت جوسج آهين
۽ تنهنجي دل خدا جو چهرو آهي
تون وفا جو وطن آهين
تنهنجو هلڻ
دنيا جي هر رقص کان وڌيڪ سحر انگيز آهي
تنهنجا ڪارا وار
حسن جي ڪعبي جوغلاف آهن
تنهنجي سيني جي گرمي
جنت کي ٺڏو ٿي رکي
تنهنجي ناراضگي دوزخ جو جوبن آهي
تنهنجو بدن گلن جو عالم ارواح آهي
تنهنجي ڪنيل ساهن سبب
هن ڌرتيءَ جي آبهوا جيئڻ جي قابل ٿي رهي
تنهنجي مسڪراهٽ اهو ٻج آهي
جنهن مان بهارٽٽندو آهي
پريون تنهنجي آشيرواد ڪانسواءِ اڏامي نٿيون سگهن
ايفروڊائيٽ ديوي تنهنجي چڳ وڏي مريد آهي
تون عشق جي استاد
تون شاعريءَ جو شان آهين

تنهنجي بدن جي خوشبو سنگهي
منهنجو نڪ مسڪرائي ٿو
تنهنجو مڌر آواز ٻڌي منهنجا ڪن نچن ٿا
توکي ڏسڻ مهل
منهنجين اکين اٽڳيون ماٽڪيون جنم وٺن ٿيون
تون هر دعا لئه آمين جهڙي آهين
انهيءَ ڪري منهنجي دُعائن جو تسلسل رُڪجي نٿو
مسڪراهٽن جي ڪائنات آهي بدن تنهنجو
انهيءَ ڪري منهنجا چپ
تنهنجي خدمت چاڪري ڪرڻ ۾ پورا آهن

خودڪشيءَ جي خواهشمند شاعرن جو
تون آخري علاج آهين
انهيءَ ڪري تنهنجي ساٿ ۾ مان بيمار ٿي نٿو ٿيان
پوپٽ پنهنجا پر گسائي تو مان رنگ حاصل ڪن ٿا
انهيءَ ڪري منهنجي شاعريءَ اهي اهي رنگ موجود آهن
جن جو ٻئي هنڌ ڪٿي وجود ئي ناهي
گلابن کي تنهنجي ساهن جي سڳنڌ
مشڪ ٻُو ٿي بڻائي
انهيءَ ڪري منهنجو بدبوءَ سان واسطو ئي ناهي پيو
انڌاري آسمان کي تنهنجي اکين جو تصور
نيرو ڪري ٿو ڇڏي
انهيءَ ڪري منهنجو من هميشہ روشن ٿو رهي
ننڍڙي پٿر کي اوچو جبل تنهنجو قد ٿو بڻائي
اهوئي سبب آهي جو مان سڀن کان اوچو ٿو لڳان
تنهنجي ٻاجھ جي مٽيءَ ۾
ٻج وڌي وڻ ٿو بڻجي
انهيءَ ڪري منهنجي واڌ رڪجي ئي نٿي.
*.*